Shri Sitaldasji Khubchand Harchandani Born on 22nd December 1933 affecionately called as *DADA is endowed with an* excellent - Social - Culture, Political, Educational and Banking background.

He has been acclaimed as a great Social and Political Leader. He is an eminent personality to be reckoned with. Through his sincere and dedicated endeavours Shri Sitaldas has created a niche for himself in the minds of the entire Ulhasnagar Public.

As a result of honesty of purpose, hardwork and sincerity he has been elected 3 times *M.L.A* continuosly in a row. Due to his service he has endeared himself in the Political, Social, Educational as well as in the Banking fields as a great personality to be relied upon.


In recognition and admiration of his continuous contributions to society in general and Sindhis in particular with genuine zeal and love for the last 45 years, we present here this small tribute to the *MAN* on his seventieth Birthday.



سرهاڻ سيتل جي

(شري سيتلداس هرچندائي جي سڦل جيون ڪاريہ جي جهلڪ)

از : هندوجا نند ''آنند''




سهڪار ۽ ساٿ ڏيندڙ :

* ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي
* گهنشام ڀاٽيہ
* ارجن بالاڻي
* ڀاڳو تلريجا
* هوندراج ڀاٽيہ

پبلشر : سدآنند پبليڪيشن
404، نالندا پئليس، اُلهاسنگر.
فون : 562129، 542203

سيتل جو دؤر سونهري هو .....

✍ هندوجا نند ’آنند‘



سيتل جي زندگيءَ جو ڪتاب ڪليل آهي، پر پوءِ به سيتل خود هڪ سوال مثل آهي، سنڌنگر اندر هن چاليهن سالن جي سياسي جيون ۾ چست رهندي، انيڪ مسئلا حل ڪيا آهن. شهر جي ڪيترن سوالن کي ڪنيو اٿائين. هن مهل تائين الهاسنگر ۾، ڪنهن به شخص يا ڪنهن گڏيل عام سنستا به ايترا مسئلا حل ڪونه ڪيا آهن. عام جي ڀلا ئي خدمت ڪونه ڪئي آهي، جيتري سيوا سيتل سرگرميءَ سان ڪئي آهي. هن جو جيون آندولن، ايندڙ پيڙهين لاءِ پريرڻا گائيڊ لائين رهندو، جنهنڪري سيتل جي جيون ڪاريه کي ڪتاب جي ورقن ۾ آڻي، سنڌين لاءِ ۽ سنڌونگرواسين لاءِ روشنيءَ جي ڏارا ڏيون ٿا، اها روشنيءَ جي جهلڪ، شل اڳتي هلي سنڌونگر کي هڪ خوبصورت بستي بڻائي. اهڙي خواهش دل ۽ دماغ ۾ آهي. اچو ته سيتل جي سرهاڻ جي مهڪ وٺون.

پيج نمبر	رايو ڏيندڙ ليکڪ	سلسلو
1	هندوجا نند 'آنند'	1) سيتل جو دؤر سونهري هو
24	ڊاڪٽر ديال آشا	2) هردل عزيز انسان
27	ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي	3) سنڌونگر جي سونهن سيتل
32	سريچند گرناڻي	4) ملاقات (انٽرويو)
42	سريچند صابلاڻي	5) مسڪينن جو مسيحا
47	ڊاڪٽر ارجن سڪايل	6) شري سيتلداس هرچنداڻي
49	نيوند ڊي. واڌواڻي	7) سياءُ جو سادو ۽ سيتل
53	دادا ڀارتي راجا	8) هڪ اعليٰ شخصيت
56	سندر ڊنگواڻي	9) هڪ جنوني شخصيت
61	آسودومل موهناڻي	10) انسان دوست
63	ناري گرسهاڻي	11) سنڌي جاتيءَ جو شان
65	ڪرتار دلواڻي	12) سدا سيوا ۾ لڳل - سيتل
68	بينا امرناڻي	13) سهڻي صورت ۽ موهڻي مورت
70	موتيرام هيرانداڻي	14) سيتل يارن جو يارُ
72	ايسر ڀارواڻي	15) سيتل جي اڳواڻي لاثاني رهي
74	ٽيڪچند ميرپوري	16) سيتل هرچنداڻي هڪ سقل شخص
77	نارائڻ آڏواڻي	17) سيتل لوڪ پريه نيتا
80	سيتل هرچنداڻي	18) سڀ جو ڀلو چاهيان تو

انهيءَ لاءِ وڏي توفيق رمز ۽ ڪلا گهرجي، ورلو ڪو ماڻهو جڏهن above Self واري منزل تي پهچي ٿو. پنهنجي اجائي اهم، بيحد خوديءَ کان ٻاهر نڪري عام جي ڀلائي ۽ سيوا لاءِ سنيري نڪري پوي ٿو ۽ ٻين جي ڪشٽن کي پنهنجو سمجهي ٿو، جنتا ۾ جناردن ڏسي ٿو ۽ پوءِ اهڙو ماڻهو چڻ سپيءَ منجهان موتيءَ مثل ٻڻجي نڪري ٿو، نيڪ اهڙي راهه سيتل سمجهي ۽ ڄاتي آهي. هي اسان جو شهر سنڌونگر عام خلق سان ڀريل، سنڌين جي هڪ وڏي بستي آهي. بس ماڻهو ئي ماڻهو آهن، هٽ، هن شهر ۾ ڀي دڪ گهڻا آهن، مسئلا گهڻا آهن. در حقيقت شهر الهاسنگر جو رنگ ڍنگ ڪجهه اور آهي. پنهنجا پنهنجا هٽ دڪ سڪ پڻ آهن. هتي موج مزا ڀي آهن. سنڌونگر سنڌ جو چڻ هڪ حصو ۽ نماءُ مثل آهي. هتي گهڻا ئي ليڊر اڳوان آهن، ڪئي سنت ساڌو مهاتما موجود آهن، مندر مڙهيون، ڏيرا ۽ اُڏيري لعل جا ميلا ملاکڙا ڀي گهڻا هلن ٿا. پر ڏسنداسين تہ وکست جيون هت گهٽ آهي. شهر ۾ واپار وڏو هلي ٿو. غريبيءَ ۽ شاهوڪاري پڻ گهٽي آهن.

سنڌونگر ۾ هن مهل تائين ڪيترين شاندار هستيون پيدا ٿيون آهن. مگر ماڻهوءَ مان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا

☆ سيتل جو سپاءَ ۽ سياسي وهنوار

”تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ناهي ويل ويهڻ جي“

سنڌ جي سرتاج شاعر شاهه صاحب جو اهو ڪلام سيتل اُچاريو ۽ دل ۾ آٽي هنڌائي بجاءِ پڻ آندو آهي.

هي سنسار جڙ، چيتن ۽ پراڻين سان ڀرپور آهي. پراڻين ۾ ماڻهو، سڀني جيون کان مٿيرو آهي، ڇو ته ماڻهو وٽ من، بڌي ۽ جذبات آهي. ماڻهو قدرت جي جڙ ۽ پدارٿن جو چڱو اپيوگ ڪيو آهي. سنسار جي ڪيترن پراڻين کي وس رکيو آهي، مگر انهيءَ هوندي به ماڻهو جمڻ کان وٺي خوشيءَ جي تلاش ۾ جيئي رهيو آهي ۽ منزل اڃا دور آهي، ڇو ته ماڻهو دکن ۽ خوشين جي وچ ۾ فوٽ بال جيان جيئي رهيو آهي، اهو سڀ انهيءَ ڪري جو ماڻهو اڃا پوري طرح انسان ئي ڪونه بڻيو آهي. دنيا ماڻهن سان ڀري پيئي آهي. آدم وڃي ٿو وڌندو، مگر ڪي ڪي ماڻهو بدلجي انسان بڻجي پون ٿا.

جيئن ڪنهن گمنام شاعر فرمايو آهي.

”هئہ فرشتي سي بهتر، انسان بننا،
مگر اس ۾ لگتي هئہ محنت زياده.“

سو جڳت ۾ انسان بڻجي جيئڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

شخص وڏو ودوان ڪونهي، گهڻو تعليم يافت بہ ڪونهي، مشڪل سان B.A. تائين سکيا حاصل ڪيل آهي. ايترو ذهني بہ ڪونهي، ڪنهن بہ وشيہ يا حساب ۾ ماهر ڪونهي. هن وٽ ويچارن جي گهرائي ۽ اونهائي ڪونهي. هن پوري طرح گيتا ۽ ڪنهن گرنٿ جو اڀياس ڪيو ڪونهي. ڪنهن سنت مهاتما جو مريد پڻ ڪونهي. هن جديد دنيا جي تيزي ۽ بدلاءَ کي بہ گهٽ سمجهيو آهي، نہ تہ دنيا جي اتهاس ۽ جاگرافي جي گهٽي ڄاڻ اٿس. ڪارل مارڪس جي فيلسوفي کان بہ شايد واقف هجي. نہ ابراهيم لنڪن جي لوڪشاهي متي جي ٻوجهہ اٿس، نہ وري دنيا جي ڪنهن وڏي انقلاب فرينچ ريووليشن (French Revolution) جي نتيجن جي خبر اٿس. مان نٿو سمجهان تہ هن صاحب کي اڄ جي دنيا ۾ هلندڙ ”گاڊ فادر“ سسٽم جي ڪا پروڙ اٿس. ڏسو دوستو، ايترو ڪجهہ هوندي بہ هن شخص جي اندر ۾ قدرتي ڪا اهڙي سوجهہ ٻوجهہ آهي جو جنهن بہ ڪاريہ ۾ هٿ وڌو اٿائين، انهيءَ ۾ بلڪل سڦل ويو آهي ۽ پوري طرح سڦل ويو آهي. هن پنهنجي نوجيون بڻنکن کي جهڙي نموني ماڊرن سسٽم سان رکيو آهي تہ ائين لڳندو آهي، ڄڻ سيتل جو جنم آمريڪا جي ڪنهن شهر ۾ ٿيو آهي، چنتامڻي ديشمکہ جيان ارٿ شاستر ۾

انسان پيدا ٿيا آهن. انهن ٿورن هستين مان هڪ سيتل هرچنداڻي آهي، هڪ صاحب صورت، سيرت ۽ لياقت ۾ هڪ انسان، بلڪ فرشتي مثل لڳندو آهي ... در حقيقت ۾ هي انسان ديوتا ۽ يگ پرش ثابت ٿيو آهي.

ديرينو، سدا نوبنو، شانت چت، صبر ۽ شڪرمند انسان آهي. سيتل جيڪو پنهنجي ڪرم ڪاريہ ۽ سيوا سبب نهال ۽ ڪمال بڻجي ويو آهي، اهو عام جو عقيدو آهي، ها، مگر هي شخص ڪو بن ڪمائي نانڪا ڪونہ بڻيو آهي، وڏي جاکوڙ، تياڳ ۽ سيوا پٺي ڪئي اٿائين ۽ ڪندو پڻ رهي ٿو، تڏهن اهڙي پدوي تي هڪ انسان بڻجي پهتو آهي. سيتل نہ ڇئي ڪيس گل ڪمل جو ڇئون تہ بہ جيڪر سندس مٺيا ۽ مشابت برابر بيهندي !

دوستو، آءٌ سيتل جي اجائي ساراهہ ڪونہ ٿو ڪريان، منهنجي دل اهو سڀ ڪجهہ ڇئي رهي آهي ۽ هڪ ليکڪ جو قلم اهو ازخود احوال ڏيئي رهيو آهي. جيڪي شخص هن صاحب جي ويجهو آيا آهن جيترو نزديڪ آيا آهن اوترو انهن سيتل کي پاڻيو آهي ۽ پنهنجو سمجهيو آهي ۽ ڀلو شخص سمجهيو آهي.

”مون کي ۽ ڪيترن ٻين معتبرن کي لڳو آهي تہ ”سيتل، اعليٰ شخصيت جو مالڪ آهي.“ حالانڪ هي

۾ ڪنڻ ۽ ان بعد وري هارائڻ. نوجيون بئنڪ کي وڏو لوڏو آيو اُفواه اُٿيا، دشمنن طرفان، الائي دوستن طرفان ته سيٺل بئنڪن کي ڪٽائڻ ٿو چاهي. ڊپ ۾ سيٺي، سندس مائٽن ۽ عزيز به پنهنجي رقم ڪڍائي. اهو ڪانڊ سيٺل جي جيون جو وڏو ڀاري طوفان هو. سون جيئن آگ ۾ جلندو آهي، سيٺل پڻ انهيءَ ڪٺن پريڪشا مان بلڪل پار پهتو. دشمنن جو منهن پيلو ٿيو ۽ سيٺل سرهو رهيو ۽ هن وقت نوجيون جون ڇهه الڳ الڳ هنڌن تي برانچون هلن ٿيون، هڪ شاندار هيڊ آفيس سڀ بئنڪون ڪامپيوٽرائيڊ، ائرڪنڊيشن ۽ ڪروڙن جي ڊپازٽ سان سيٺي نئشنلائيزم بئنڪن کان به وڌيڪ ڪاروبار ۽ ڪريڊٽ سان هلي رهيون آهن ۽ جلد ٻيون نئيون برانچون الهاسنگر کان ٻاهر پڻ کولڻ جو اعلان ڪيو اٿس.

سيٺل جي پرائيويٽ لائيف، چاهي پبلڪ لائين ۾ هن سان ذهني ۽ هوشيار ماڻهو ۽ ساٿي گهٽ نظر ايندا آهن. ڪيترن جو الزام آهي ته سيٺل جي منڊلي ۾ گهٽي قدر رواجي ماڻهو ملندا آن، هن کي ذهني ۽ ماهر ماڻهو منجهائيندا آهن يا ائين ڪٿي چئجي ته ذهني ۽ عقلمند ماڻهن کان سيٺل پري رهندو آهي، هن جي ڪاريه ڪيتر ۾ جيترا به سياڻا ۽ سمجهو ساٿي دوست

ماهر نہ هوندي بہ بئنکن جي ڪروڙن جو ڪاروبار بلڪل ڪاميابي سان هلائي پيو. اهو عام جو سوال آهي تہ سيتل جيٰ اندر، اها ڪهڙي ٻوجهہ آهي ! يا ڪا قدرت جي مهر آهي جو سيتل سدا سرهو، سنتوشي ۽ سڦل پئي رهيو آهي.

سيتل جو چهرو ڏسندا تہ لڳندوَ هن ڪي هن شهر جي پوليوشن جو اثر ئي ڪونہ ٿيو آهي. حالانڪ سيتل گهٽو ڪلندو ڪونهي نہ وري سندس سياءُ هيومرس وارو آهي، ليڪن هن ٽينشن جي يگہ ۾ بہ هڪ شخص پنهنجي مزاج ۾ خوش لڳندو آهي. ماڊرن رشي لڳندو آهي.

سيتل زندگيءَ ۾ گهٽو سوچيو ئي ڪونهي ۽ سوچڻ سندس سڀاوَ ۾ آهي ئي ڪونہ، پر ڏسندا تہ هردم تازو توانو ۽ سکي. اهو پڻ سوچڻ جهڙو سوال آهي تہ گهٽي قدر، سوچ ۽ گنڀير سوچ وارا شخص گهٽو ڪامياب ويا آهن پر سيتل سان او نيم لاڳو نہ آهي، اهو ڏسي لڳي ٿو تہ چوٽو پوي ٿو تہ ”زندگي مين بهوت جسني سوچا هئہ، وهي زندگي پي رويا هئہ.“ اڪثر ڏسندا تہ سيتل سدائين هڪ ئي موڊ، يوگہ مدرا ۾ رهي ٿو. ائين نہ آهي تہ ڪو هن ياٽي جي زندگيءَ ۾ گرم هوا ۽ طوفان آيا ئي ڪونهن. جيڏا اٿ وڏا، تيڏا لوڏا بہ وڏا، اهو تہ دستور دنيا اندر هلي پيو. لڳاتار ٽي دفعا اسيمبليءَ

هڪ شخص، شل - ول، ڪوڙ ڪپٽ يا گهٽي قدر بي - ايماني، بد - اخلاقيءَ مان ڪين ڇاٽي، ڏسنداسين ته سياست ۾ ڪامياب ٿيندڙ ڪوبه شخص اهڙو اڳوان ڪونهي، جنهن داؤ - پيچ هلائڻ ڪانسواءِ پاڻ کي مٿيرو اڳرو ۽ جبرو ڪيو هجي. سڀ راڄنيتڪ هستيون، سام پيد ۽ ڏنڊ واري نيتي اختيار ڪن ٿا، پر سيتل، اهو سڀ ڪجهه ڪونه ڪيو آهي ۽ پوءِ به لڳاتار ٽي دفعا ساندهه مهاراشٽرا اسيمبليءَ ۾ هيٽرڪ جيت حاصل ڪري چڪو آهي. ڪو راڄنيتي داوَ - پيچ نه هلائيندي ! سيتل درحقيقت اڄ جي پوليٽڪل ليول جو اڳوان ئي ڪونهي، پر تنهن هوندي پالٽڪس ۾ رهي جيترو جس ۽ رس هن شخص ڪمايو آهي، اها حد ۽ سرحد شايد ئي ڪوئي پار ڪري سگهندو ! ان سوال جو به جواب ڪونهي ؟

☆ سيتل يگه

سيتل جڏهن جهوپڙپٽين ۾ ووٽ گهرڻ لاءِ هلندو هو ته انهن گندين بستين اندر گهڙندي ٻيا ساٿي نڪ ۽ وات تي هٿ رکندا هئا. مگر سيتل ڪلئي دل سان، خوش ٿي انهن ماڻهن کي ڪيڪاريندو هو. ائين ان وقت لڳندو هو، ڄڻ غريبن جي بستي ۾ ڪو ملائڪ ۽ ملوڪ انسان هليو آيو آهي. هنجي نماڻي ڇهري ۽ پنهنجائپ

آيا، اهڙن شخص جي لسٽ وڏي آهي مگر اُهي سڀ جا سڀ شخص هن جي تنبوءَ مان سندس دشمن بڻجي ٻاهر نڪري ويا آهن، اُهو ٻه سوال اُٿي ٿو ته ايترن ساٿين کي ناراض ڪرڻ ۾ ڪٿي سيتل جي سياءُ ۾ ته ڪا وڏ يا ڪمزوري ڪونهي ! يا گهٽي قدر دنيا ۽ دنيا وارا گهٽا مطلبي آهن. جن سيتل مان جيترو پاتو ۽ پائي پڪڙجي پيا ۽ پوءِ ڀڄي ويا. مگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سيتل کان دور ويل اُهي شخص خوش ڪونه آهن ۽ سيتل سدا سنتوش ۽ سرهو ملندو آهي.

ايترو عقلمندن کان دور رهندي ٻه سيتل سدائين عقل کان پئي ڪم ورتو آهي. سيتل ٻين جي دماغ جو ڪڏهن فائدو ڪونه ورتو، بس جيڪو ڪيس سمجهه ۾ آيو يا قدرت چوايس اهو ڪاريه ڪيو اٿائين.

هي عاليشان جسلوڪ هاءِ اِسڪول، سنڌي ۽ انگريزي ميڊيم سان هلندڙ، اٽڪل ڇئن هزارن کان مٿي وديارٿي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ان سان گڏوگڏ ڪي.سي. اسڪول جيڪو گونگن - ٻوڙن کي سکيا ڏيڻ لاءِ هلي رهيو آهي. سائين بابا ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جنهن ۾ دماغي ڪمزور (Mentally Retarded) وارا ٻار سکيا ۽ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، اهي سڀ سيوا ڪاريه ٻڌائي رهيا آهن ته سيتل هڪ انسان ۽ سڦل انسان آهي.

سوال آهي تہ پوءِ ايتري لياقت ۽ آزمودي هوندي بہ چو چوٿين دفعي سيتل کي ڪراري هار ڏسڻي پيئي ؟

ها، جواب ۾ سيتل بلڪل سنپل ۽ صاف لفظن ۾ چيو آهي تہ ”سنڌونگر جا عام لوڪ، ڪجهہ بدلاءُ چاهين پيا.“

ڏسو، ايترو چئي سيتل نہ تہ پاڻ کي هيٺيرو ڪيو ۽ نہ وري ٻين تي الزام هنيون ۽ نہ پبلڪ لاءِ ڏڪہ ڏوراپو ڏنو.

ها، ليڪن، سمجهو ۽ سياست ۾ رهندڙ عام ماڻهن جو رايو آهي تہ سيتل جي شڪست جا ڪيترائي ڪارڻ هئا. پهريون تہ سندس ساٿي، ساڻ هوندي، گڏ گهمندڙ، ٻي طرف لوڀ لالچ ۾ هليا ويا. سندس پنهنجا ايرڪا ۽ ساڙ سبب پراوا بڻجي چڪا هئا، سندس جي گهٽي شهرت ۽ پل مانسائي آڏو آيس !

مگر ڏسجي تہ اسان جي ويچار ۾ سيتل جي هار جو مکيہ ڪارڻ هو تہ سندس سامهون شري پپو (سريش) ڪالاڻي هو، هي نوجوان وڏو ڪلاڙي ۽ وڏو ڪرشمو آهي. هڪ شخص پبلڪ جي هر طبقي مٿان طلسم جيان ڇانئجي ويو. سيتل جي سامهون واري ۾ ايترا تہ بيشمار گڻ ۽ اوترائي اوگڻ هئا، جن جو جوڙ سيتل جي شخصيت کي پار ڪري ويو ۽ سيتل جي هڪ نہ بلڪ

کي ڏسي غريب بهار بهار ٿي ويندا هئا. هنن کي ائين لڳندو هو تہ ضرور هي انسان مسيحا بڻجي سندن جا دک درد دور ڪندو. جنهنڪري هن کي غريبن جهوپڙپٽين وارن ڀرپور ووٽ ڪيا.

بئرڪن ۾ جڏهن سيتل چونڊن جي چڪر ۾ ايندو هو تہ گهر مان گهرڏياڻيون بنا ڪنهن حجاب جي، بنا رَئي ڊُپٽي ڪانسواءِ ٻاهر نڪري هن جي آجيان ڪنديون هيون، جڻ تہ هن کي ڏسڻ لاءِ منتظر رهنديون هيون.

ساڌن سنتن جي مندر ٽڪاڻن ۾ هي شخص جڏهن گهرندو هو تہ انهن ساڌن سنتن جو چهرو هن اڳيان ڦڪو لڳندو هو ۽ اُهي مهنت سنت پڻ ڪيس هٿ جوڙي نمسڪار ڪندا هئا.

دوڪاندار ڀائر بہ ڪيس ڏسي گد گد ٿيندا هئا. هن سان ملي پاڻ کي وڏڀاڳي سمجهندا هئا. اهو ڏسي چونڊن کان اڳ ئي چونڊن جي نتيجي جي ڄاڻ پئجي ويندي هئي تہ سيتل کي سوڀارو ٿيندو سيتل ڪو لهر لوڏو ڪونهي !

★ سيتلداس، ڀارت ۾ پهريون ايم.ايل.اي هو جنهن وڌان سڀا ۾ سنڌي ۾ قسم کڻي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت جو شان وڌايو.

صاحب ڏسڻ ۾ شاندار ۽ سنڌين جو شاهاڻو رچ مڙس ۽ مدبر لڳندو هو. جيتري اعليٰ شخصيت ۽ لياقت هيس، اوترو فيض نہ تہ هن صاحب سنڌونگر کي پهچايو ۽ نہ وري سنڌي پائرن جي خاص ڀلائي ۽ بهبودي آڻي سگهيو. بس ڏسڻ جو ڏيل هو ! جنهنڪري سنڌونگرواسين جلد هن کي وساري ڇڏيو، ايتري قدر جو سرڳواس ٿيڻ بعد بہ ماڻهن کي خبر نہ آهي تہ سنمکہ مري ويو آهي الائي جيئرو آهي ! هن بعد وري اڄ تائين الهاسنگر ۾ ڪانگريس جي ڪنهن بہ اميدوار اسيمبليءَ جي سيٽ کونہ کٽي آهي.

سمنکہ ايسراڻي بعد، آيو يگہ سيتل هرچنداڻيءَ جو، لڳاتار لڳ ڀڳ اِهو دوُر پندرهان سال ١٩٧٨ کان ١٩٩٠ تائين هليو ۽ جاري آهي. ان وقت، ملڪ ۾ نئين لهر آئي، ڀارت ۾ اندران يگہ ختم ٿيو هو، جنتا راڄ آيو. جئہ پرڪاش نارايڻ جي پريرڻا سان هندستان جي سياست ۾ نئون ورق وريو. ڀارتيہ جن سنگهہ جنتا جي ڌارا ۾ سوشلسٽ پارٽين سان ملي ڪري جنتا پارٽي ناهي. اسان جو سنڌونگر پڻ ڀارت جي انهيءَ سونهري انقلاب جو حصو بڻيو. مهاراشٽر جي وڌان سڀا جي ٽڪيٽ سيتل کي ملي. سيتل سوپ ٻيي ڀاتي، اهڙي نموني سنڌونگر ۾ سيتل يگہ جو آرنڀ ٿيو.

ٻہ دفعا هار ٿي جنهن مان هن سبق سکيو تہ دنيا بدلجندي رهي ٿي ۽ هن اهو بہ سوچي ورتو تہ وقت نڪري ويو آهي ۽ وري ڪڏهن هاڻي هن سياست ۾ اليڪشن ڪونہ لڙندو.

انهيءَ هار واري عرصي ۾ سيتل جو سمورو ڌيان سياست مان ڪڇي نوجيون بئنڪ جي وڪاس ۽ واڌاري ڏانهن پيو. انهيءَ نوجيون هلچل، سيتل جي جيون ۽ سنڌونگر جي ترقيءَ واري راهہ ۾ سچ پچ نئون جيون ۽ نئون عمدو موڙ آندو آهي.

سنڌونگر ۾ سيتل يگہ کان اڳہ سنمکہ ايسراڻي يگہ هو. هي صاحب ٻہ دفعا لڳاتار ڪانگريس ٽڪيٽ تي کٽي آيو هو. سنمکہ بہ سنڌونگر جو شان مان وڌايو هو. سنہ ١٩٦٧ کان لڳاتار ١٩٧٧ تائين سنمکہ جو عرصو هليو. ايسراڻي صاحب شهر جي پلاٽن جو سوال پئڪيج ڊيل موجب بچايو. شهر اندر جهوپڙ پٽي ڦهلائڻ کي روڪڻ چاهيو پر ڪجهہ ڪري ڪونہ سگهيو، ڇوتہ گهڻا پلاٽ هن پاڻ ۽ پنهنجن مائٽن يارن، سنگتين کي ڏياريا، جنهنڪري نيڪو پڻ رد ٿيو هو. پوءِ شهر جو سڌارو ۽ واڌارو خئر ڪو ڪيو. حالانڪ هن بہ سهڻو خواب لڌو هو تہ الهاسنگر کي پنهنجو شهر لاڙڪاڻو بڻايان! پر هن ۾ لڳن ۽ سيوا ڀاوَ جي ڪمي هئي. سنمکہ

۾ آواز اُٿاريو، شڪايتون ۽ عريضا موڪليا، واسطو رکندڙ آفيسرن سان ملندو هو، صرف اڌڪارين سان نہ مليو مگر منترين ۽ مکيہ منتريءَ سان پڻ وقت بہ وقت ملي، سنڌونگر جي مسئلن کي حل ڪندو رهيو ۽ شهرواسين کي انصاف ۽ حق ڏياريندو رهيو. هن صاحب مهاراشٽر جي گرهہ منتري شري پاٽي وئديہ کي ڪيترا دفعا الهاسنگر ۾ آڻي، حالتن کان واقف ڪرايو ۽ ڪاريہ ڪرايا.

سيتل جي وقت کان اڳ، شهر ۾ لئنڊ گرئبر ۽ گونڊن جا گروپ هئا. جنهنڪري انهن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ الهاسنگر لاءِ اسپيشل پوليس ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو مقرر ڪرايو، جيئن شهر اندر امن امان قائم رهي. ساڳي وقت شهد ۽ وٺلواڙي پوليس ٿاڻا اپ گريڊ بڻايا ويا. اُتي سرڪل ۾ انسپيڪٽرس مقرر ڪرايا ويا. انهيءَ ڪري گهٽي قدر شهر اندر گناهن ۽ گونڊن جي ڪاروائي تي روڪ پئي.

شري سيتل هرچنداڻي پوليس ڪرمچارن جي سهوليت ۽ رهڻ لاءِ گهرن جو هت اُلهاسنگر-۴ ۾ بندوبست ڪرايو، پوليس ۽ عام جي سمپرڪ لاءِ ليئزن ڪاميٽي جو وجود آندو.

هنري ڪيتر ۾ سڌاري لاءِ سيتل ننڍڙن گهرو هنر کي همٿائڻ لاءِ وڪاس يوجنا عمل ۾ آندي. الهاسنگر ۾

☆ سيتل جو سياسي ڪاريه ۽ سڦلتائون

سيتل پنهنجي پارٽي ڏانهن، پاڻ ڏانهن ۽ پبلڪ ڏانهن فرض شناس رهي، ايترا ته اڪيچار ڪاريه ڪيا، جن جو ذڪر ڪبو ته ٻيا ارڙهان پورا اڌياءَ قلم بند ٿي سگهندا !

هن صاحب هر ڏينهن جي ٢٤ ڪلاڪن کي ٽن حصن ۾ ورهايو. ٨ ڪلاڪ پبلڪ سيوا، ٨ ڪلاڪ لوڪن جا دک درد ٻڌڻ ۽ نوارڻ ڪرڻ ۽ باقي ڏينهن جو حصو پنهنجي لاءِ پنهنجي فئملي لاءِ رکيو. هي صاحب هفتي ۾ هڪ ڏينهن منتراليه ۾، ائڊمنسٽريٽ آفيس ۾ لوڪل مسئلن حل ڪرڻ لاءِ ڏيندو هو ساڳي وقت هر روز شام جو ٦ بجي کان ٨ بجي رات تائين پنهنجي آفيس لڪڇمي مارڪيٽ ۾ حاضر رهندو هو، جتي روبرو، لوڪ ڪيس ملندا آهن، پنهنجا دک درد ٻڌائيندا هئا. جن جو تعدارڪ پڻ ٿيندو هو. پنهنجي آفيس ۾ ڪليمن، پيپرن تي سرٽيفڪيٽس تي، في معاف فارمن، پاسپورٽن وغيره تي صحي ڪرڻ لاءِ هڪيو ٽڪيو سيتل ملندو هو.

مهاراشٽر وڌان سڀا تي چونڊجڻ بعد، يڪدم شري سيتل هرچنڊاڻي، شهر جي هر ٻرندڙ مسئلي کي سمجهيو ۽ بيحد ضروري سوالن کي کڻي، هن اسيمبلي

☆ اليڪٽرڪسٽي سپلاءِ

الهاسنگر ڏسندي ڏسندي ڪئمپ مان بدلجي وڏو شهر بڻجي ويو. مگر بجلي سپلاءِ بورڊ جو محدود اختياريون هيون. جن لاءِ سيتل هرچنداڻي ڪلياڻ امبرناٿ روڊ تي پلاٽ نمبر ١٧٨، الاٽ ڪرائي، ايم.ايس.سي. بورڊ کي آفيس ۽ ورڪشاپ لاءِ ميسر ڪري ڏنو. شري سيتلداس بجلي بورڊ جا ٻه سيڪشن ڪرايا، هڪ ڪئمپ نمبر ١، ٢، ٣ لاءِ ۽ ٻيو ٤، ٥ لاءِ. شهر جي جدا جدا سيڪشن لاءِ الڳ الڳ ٽرنسفارميٽر لڳارايا. انڪري الهاسنگر ۾ بجلي جي ڪافي سهوليت ميسر ٿي، مگر اڃا ڪافي سڌاري جي ايم.ايس. اليڪٽرسٽي بورڊ کي ضرورت آهي.

شري سيتل هرچنداڻي جي جفاڪشيءَ سان شهد ڦاٽڪ پرسان ريلوي لائينس مٿان، الهاسنگر ۽ ڪلياڻ شهر کي ملائڻ لاءِ اوئر فلاءِ برج جو نرماڻ ٿيو، جنهن جو فائدو عام لوڪن کي واپار ۽ آمدرفت ۾ بيحد گهڻو پيو آهي.

☆ ٽيليفون

الهاسنگر لاءِ هن کان اڳ مئنيول ٽيليفون جاري هو، جنهن ۾ نمبر پليس جي رسيور اڏ ڪلاڪ هٿ ۾ جهلڻو پوندو هو. پهريون وجه ڳالهائڻ جو وڏيرن ۾

هلندڙ وڏن ڪارخانن ۽ لومن جي مالڪ ۽ مزدورن ۾ سهيوگہ ۽ سهڪار رهي، اها سندس سدا ڪوشش رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن مزدورن جي مناسب طلبن ڪي وٺي، ڪارخانيدار مالڪ مڃڻ لاءِ تيار ڪونہ هوندا هئا، تہ سينتل جو ساٿ هميشهہ غريب مزدور طبقي طرف رهندو هو. هن صاحب شهر کان ٻاهر ڪارخانيدارن لاءِ ايم.آءِ.ڊي. يونٽ کڙو ڪرايو. سلم ايراضين ۾ سڌارو پڻ آندو ويو.

الهاسنگر شهر جي ارد گرد جيڪي جهوپڙپٽي آهي، انهن واسطي بنيادي ناگرڪ واريون ضروري سهوليتون ميسر ڪرايون :

☆ واٽر سپلاءِ اسڪيم

الهاسنگر ۾ آدمشماري جي ترت واد سبب پاڻيءَ جو مسئلو پئدا ٿيو هو. جنهن واسطي ايم.ايل.اي فنڊ مان ڪجهہ رقم ۽ واٽر سپلاءِ کان ٻن ڪروڙ اٺويهن لکہ روپين جي هڪ يوجنا بحال ڪرائي، جنهن موجب ان وقت کان وٺي، شهر لاءِ پاڻيءَ جو ڪجهہ مسئلو حل ٿيو، پر ڏسجي تہ شهر لاءِ پاڻيءَ جو مسئلو گنڀير هو، جيڪو اڃان تائين حل ڪونہ ٿيو آهي. سينتلداس شهروارن لاءِ اين.او.سي. (N.O.C.) جي وٺڻ جي آزار کان پڻ آجو ڪرايو.

بئرڪن ۾ پراپت ٿيا.

★ سيتلداس، شهر جي ڪيٽرن سوشل ۽ پنگتي سنستائن سان جڙيل آهي. جن جي وسيلي هو صاحب شهرواسين جي ڀلائي جا ڪاريہ ڪندو رهي ٿو. ملڪ اسڪيم جي شروعات پڻ سيتلداس شهر ۾ آندي هئي.

★ شهر ۾ انٽرنئشنل روٽري ڪلب جو سيتل فائونڊر ميمبر ۽ ٻہ دفعا پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ پڊ ماڻي عام جي خدمت ۽ ڀلائي جا ڪاريہ ڪيا اٿس.

★ هن وقت سيتلداس، نوجيون بئنڪس جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ٿي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اٽڪل سو ڪروڙ ڪان مٿي ڊپازٽ اٿس. ٿاڻا ڊسٽرڪٽ ۾ وڏي ۾ وڏي ڪاروبار هنن بئنڪس جو هلي رهيو آهي.

★ هي صاحب الهاسنگر ونلواڙي ريلوي پئسينجرس ائسوسئيشن جو پريزيڊنٽ رهيو. انهن ٻنهي اسٽيشن کي ماڊرن سهوليتون ڏيڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي اٿس، ڪافي ڪامياب رهيو آهي، مگر اجا الهاسنگر اسٽيشن تي رزرويشنل سهوليت لاءِ جاکوڙ جاري اٿس.

★ سيتل جي ڪوشش سان مهاراشٽر ۾ پهريون دفعو سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جو نرماڻ ٿيو، جيڪا هن مهل تائين پنهنجو ڪاريہ ڪري رهي آهي.

هن مهل تائين - سيتلداس پبلڪ سيوا لاءِ اجا

هلنديءَ وارن کي ملندو هو. انهيءَ آزار مان پار به سينٽل جي ڪوشش ڪيو. پهريون آٽوميٽڪ ٽيليفون ايڪسچينج سسٽم آندو. پلاٽ خالي ڪرائي نيو ٽيليفون ايڪسچينج لاءِ بلڊنگ جو نرماڻ ڪرايو.

★ هن صاحب جي ڪوشش سان الهاسنگر چوٿين ۾ مئٽرنٽي ۽ او.پي.ڊي. هاسپيٽل جي شاندار بلڊنگ جو نرماڻ ٿيو. ان بعد مزدورن جي علاج لاءِ سينٽرل گورنمينٽ کان اي.ايس.آءِ. هاسپيٽل جو وجود به ٿيو. ان بعد سينٽرل هاسپيٽل جي شاهي عمارت جو نرماڻ ٿيو، جيڪا سڄي تعلقا ليول تي ڪم ڪرڻ لڳي آهي. ڪرجت کان وٺي ڪلوا تائين ٻي اهڙي ماڊرن هاسپيٽل ڪونهي.

★ الهاسنگر پنجين ۾ گورنمينٽ گيسٽ هائوس به سينٽل جي ايامڪاري ۾ تيار ٿيو. ان کان پوءِ ايم.ايل.اي فنڊ مان هڪ ڪروڙ جي لاڳت سان شهر لاءِ ٽائون هال جو نرماڻ ٿيو. شهر لاءِ به نوان پرائمري اسڪول بلڊنگ پڻ سندس ڪوشش سان نرماڻ ٿيون. ان ڪانسواءِ هيرا گهاٽ جي پل کي نئين سر نهرائي، الهاسنگر جي چوٿين پنجين نمبر کي شهر جي پهرين - ٻين ۽ ٽين نمبر سان ڳنڍيو ويو. سينٽل جي ڪوشش سان لڳ ڀڳ ويهه هزار ماڻهن کي پنهنجا گهر ۽ اڇا

★ ”سيتل خود ڻاورنگہ پرسنليٽي آهي، پر پارٽي لاءِ قابل ٽيم پئدا ڪري ڪونہ سگهيو آهي.“

★ ”سيتل ۾ ڪوئي عيب ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، ڪوبہ شخص ڪونهي جيڪو هن صاحب لاءِ چئي تہ هي پرشٽاچاري، دوکيباز يا ڪنهن بہ طرح غلط ماڻهو آهي.“

★ ”سيتل سدائي بي.جي.پي. ۾ خال پيدا ڪري رکيو آهي، جيڪو هن ڪانپوءِ ڪنهن بہ ڪونہ پريو آهي، ان مان لڳي ٿو انهيءَ لاءِ خود سيتل ئي گهڻي قدر جوابدار آهي.“

★ ”سيتل عام لوڪن سان ۽ رواجي ماڻهن سان ڳالهائيندو هو، اهي اهڙا چيڙائيندڙ سوال ڪندا هئا ۽ بي واجب گفتا ڪڍندا هئا جو اسان ٻڌندڙ کي غصو ايندو هو، مگر سيتلداس انهن کي ڌيرج سان ويهي ٻڌندو هو، جواب ڏيندو ۽ وس پڄندي انهن جي ڀلائي پڻ ڪندو هو. اهو گڻ ماڻهن جو نہ بلڪ ديوتائن جو آهي.

★ ”سيتلداس جيترو فيش، سنڌونگر کي پهچايو آهي، اوترو پنهنجي پارٽيءَ کي ڪونہ چاڙهي سگهيو آهي.“

★ ”سيتلداس جي خود سمهڻ سان، سنڌونگر ۾ بي.جي.پي. بہ سمهي پئي آهي.“

پنهنجون سيوائون لڳاتار ڏيندو رهي ٿو. حالانڪ هن وقت هي صاحب ايم.ايل.اي. پڻ ٿي ڪونه آهي ۽ بيحد مشغول هوندي به عام جي سيوا ۾ هر روز شام جو آفيس ۾ حاضر رهندو آهي ڇو ته سيتل جو چوڻ آهي، ”جان جيئڻ ته سيوا ۾ نت جيون سنوار“ ’چلنا جيون کي ڪهاني‘ ۾ پڻ وشواس اٿس.

★ سيتل لاءِ عام جا رايا ۽ ڪجهه ڪٿا منا انگور

هن ڪتاب لکڻ جي سلسلي ۾، سنڌونگر جي ڪيترن شخصن سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ هر طبقي، پيشي، واپار - سروس واري کي خاص ۽ کي عام لوڪ هئا. انهن جيڪي ڪجهه سيتل لاءِ ڳالهايو، رايو ڏنو يا تنقيد ڪئي آهي، اها مختسر ۾، بنا ڪنهن نالي ڏيڻ جي ڏيئي رهيو آهيان.

★ ”سيتلداس هڪ رواجي انسان آهي، مگر هنجا ڪيل ڪاريه بڌائين ٿا ته هي غيررواجي ۽ اعليٰ انسان آهي.“

★ ”سيتل گهڻو ڳالهائي ڪونه ٿو، شايد ڳالهائڻ ۾ ايترو ماهر ۽ هوشيار ڪونهي، مگر هن صاحب جا ڪرم ڪاريه، صدين تائين ڳايا ويندا.“

★ ”سيتل پاڻ بلندي تي پهتو، مگر پنهنجي پنيان چڙهڻ ۾ ڪنهن کي به مدد ڪونه ڪئي اٿائين.“

★ ”سيتل هڪ آبدار موتي مثل آهي ۽ آپي ڪان خالي آهي.“

★ ”سيتل به ڪيترن غلط ماڻهن کي غلط فائدا ڏنا آهن، چاڪاڻ ته هي پولو مهاديو جي مثل آهي.“

★ ”هرچنداڻي صاحب پاڻ کي ۽ سنڌونگر کي وڏو فائدو پهچايو آهي. هن جي اِها ڪلا سڪڻ گهرجي.“

★ ”سنڌونگر ۾ سنمکه ايسراڻي جو يگه ڏنوسين، سيتل جو يگه پي ڏنو. هن وقت سريش ڪالاڻي جو چڪتاڻ وارو يگه به هلي ٿو، پر سيتل جو يگه اجا سماپت ڪونه ٿيو آهي.“

★ ”سنڌونگرواسين جي قسمت ۾ سيتل جهڙو وري بيو ايم.ايل.اي. ۽ ڪاريه ڪرتا شايد ڪونه ملندو.“

★ ”سيتل جي شخصيت ۽ ڪارين جي سرهاڻ يگن تائين قائم رهندي.“

★ ★ ★

★ ”سيتل ۾ کو ڏوھ ڪونهي، پر هن جو وڏو ڏوھ اهو آهي تہ هن پاڻ جهڙو ٻيو ڪوئي پيدا ڪونہ ڪيو آهي.“

★ ”سنڌونگر مان سيتل هرچنداڻي جو اچا يگہ پورو ڪونہ ٿيو آهي. ڇو تہ هن جون شيوائون جاري آهن.“

★ ”هرچنداڻي، پنهنجي اڪيلي سر ايترا اڪيچار ڪاريہ ڪيل آهن اگر هي صاحب ٽيم ناهي يا پارٽيءَ سان ملي ڪري ڪاريہ ڪري ها تہ وڌيڪ ڪارگر ٿئي ها.“

★ ”پبلڪ ڪاريہ ڪندي، ڪي ماڻهو سيتل مان ناراض بہ هوندا هئا، پر هن جو مشڪي ڳالهائڻ ۽ همدرد رهڻ جڻ هر ڪنهن جو دکہ ۽ ناراضگي وساري ڇڏيندو هو.“

★ ”سيتلداس خود ۾ هڪ وڏي سنستا آهي. هڪ اهڙو تہ ڇانوَ وارو شاهي درخت آهي، جو هن جي پير ۾ ٻيو ڪو وڻ اُسريو وڌي ئي ڪونہ سگهيو آهي.“


★ ”سيتلداس هرچنداڻي ۾ ماڻهوءَ ڪي سڃاڻڻ جي لياقت تہ وڏي آهي، پر تنهن هوندي بہ هن جي ڪيمي ۾ غلط ۽ سوارٿي ماڻهو گسي اچن ٿا، پر پوءِ جلد اُهي پوئين در کان ڀڄي ويندا آهن.“

پيارو سيتلداس مهاراشٽر سرڪار جو ڪن ڪاميٽين جو سرگرم ميمبر ٿي سجهاءُ ڏيندو رهيو آهي. هي نشناوان نيتا آهي. پنهنجي سياسي پارٽي پارٽيہ جنتا پارٽي سان بہ پوريءَ ريت نباهيندي مخالفتي پارٽين جي ڪاريہ ڪرتائن سان بہ محبت نباهيندو رهيو آهي، پنهنجي مقناطيسي مشڪ سان ڌارين کي پنهنجو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين.

شري سيتلداس سياست ۾ تہ پاڻ موکيو آهي پر تعليمي ۽ سماجڪ کيتر ۾ پڻ ساراهہ جوڳو ڪاريہ ڪيو اٿائين. مخالفتي ماڻهو هر کيتر ۾ هر ڪنهن جا ٽيندا آهن. منش کي وويڪ انوسار قدم اڳتي وڌائڻ گهرجي. نوجيون بئنڪ بہ سندس ئي سپنو هو جنهن کي هن ساڪار ڪيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۾ پياري سيتلداس جو پورو پورو وشواس پئي رهيو آهي. انڪري هن نوجيون بئنڪ سنڌونگر - ۳ جو مهورت پڻ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان ڪرايو. نوجيون بئنڪ، سنڌونگر - ۲ جو مهورت پڻ ستگرو مهاراجن کان ڪرايو. سنڌيءَ ۽ ڪارخانيدارن، ڇاهي وچولي پوش ڏنڌي ڪرڻ لاءِ هيءَ بئنڪ سرگرم رهي. ان جو شريہ پياري سيتلداس کي ئي آهي.

سنڌونگرواسين شري سيتلداس هرچنداڻيءَ جي ڪيل خدمتن جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ جڏهن ڪيس

هردل عزيز انسان
شري سيتلداس هرچنداڻي



✍ڊاڪٽر ديال 'آشا'


سنسار جي رنگه منچ تي هرڪو پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪري ٿو. ڪي ڪي سڄڻ اهڙو نه اثرائتو پارٽ ادا ڪن ٿا جو هزارين دلين تي پنهنجي ڇاپ ڇڏين ٿا. شري سيتلداس هرچنداڻي اهڙين شخصتين مان آهي جنهن پنهنجي شڀ ڪرمن جي سرهاڻ سان هزارن انسانن کي متاثر ڪيو آهي.

پياري سيتلداس تي سندن ماتا پتا جهڙو نالو سيتل رکيو اهڙو ئي هوُ سڀاءَ جو سيتل آهي. هن پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو آهي. شري سيتلداس هرچنداڻي پنهنجي لوڪ پريتا سبب ساندهه ٽي دفعا مهاراشٽرا اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. ڪنهنجو ڪيل ڪاريه اجايو نه ٿو وڃي.

ڪندو رهه جڳت ۾ سيَن سان ڀلائي،
سدا سائين تو سان ٿيندو سهائي.

سنڌونگر جي سونهن سيتل

✍ نارايڻ ڀارتي



شري سيتلداس هرچنداڻي جي ستر جنم ڏن ملهائڻ (ڊسمبر ٢٠٠٢) جي موقعي تي سندس جيون ۽ ڪاريه بابت هڪ ڪتاب نڪري رهيو آهي. ان ڪتاب ۾ شري سيتل جي جدا جدا ڪيترن ۾ ڪيل ڪاريه بابت الڳ الڳ نامور شخص جا تاثرات پڻ ڏنا ويا آهن. ان ڪتاب جنهن کي جيڪر ايندڙن گرنٿ سڏجي ته به سونهين. ان جو سمپادن ڪاريه شري نند هندوجا ''آنند'' ڪري رهيو آهي. ان جو چوڻ آهي ته مان ڪتاب بابت ۽ شري سيتل جي سنبنڌ ۾ مان به ڪجهه لکان. ڪتاب جا ڪي صفحا ڪمپوز ٿيل منهنجي سامهون آهن. جن ۾ شري سريچند صابلاڻي جو ليک، شري نيوند واڌواڻي، شري سندر دنگواڻي، شري نند هندوجا 'آنند' جا ليک ۽ شري گرناڻيءَ جي شري سيتل ڪان ورتل ملاقات شامل آهي.

سيتل بابت لکندي - سوچيندي، اَٽڪل پنجاهه سال اڳ جون ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون، اُلهاسنگر ٿئين

موٽرڪار پٺي پيٽ ڪيائين تڏهن بہ اها اچا هئي تہ سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج اچي آسيس ڪن. سوامي جن ان موقعي تي پياري سيتلداس جي گڻن جو ورڻن ڪندي آسيس ڪئي ۽ پنهنجي ڪر ڪملن سان موٽر سيتلداس کي پيٽ ڪئي.

سنڌونگر ۾ گونگن ٻوڙن ۽ گهٽ دماغ جي ٻارن لاءِ اسڪول برپا ڪرڻ، جس لوڪ هاءِ اسڪول شروع ڪرڻ ۾ مکيہ يوگدان پياري سيتلداس جو آهي. هن پنهنجي عرصي ۾ مهاراشٽر اسيمبليءَ ۾ ڪيترائي پيرا سنڌونگر جي مسئلن جو ڌيان چڪائيندي سرڪار کان گهر ڪئي. انهن مسئلن کي دور ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا.

شري سيتلداس پنهنجي گهر گرهست، ڏنڌي وهنوار جون جوابداريون پوريءَ ريت نباهيندي، سياست جي کيتر ۾ بہ سڪريہ رهيو آهي ۽ سماج شيوا جي ميدان ۾ بہ سوپ جو سهرو ٻڌو اٿائين، ان لاءِ هوُ بيشڪ داد لائق آهي. پرماتما کيس سٺي صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جو هوُ ديش ۽ جاتيءَ جا وڏيڪ ڳهڙا پريندو رهي.

★ ★ ★

سال ١٩٥٨ ۾ ضيا صاحب اوچتو چالاڻو ڪيو تہ سرڪل وارن سندس عزت ۾ لئبرري جو نالو ضيا لئبرري رکيو ۽ ان سرڪل واري رستي جو نالو بہ ضيا صاحب مارگ رکايو ويو. شايد ان موقعي تي پروفيسر رام پنجواڻي، ڪيرت باباڻي، گوبند مالهي کي بہ گهرايو ويو هو.

سيتل سان توري وڏيڪ ويجهڙائي آئي. پر اسان وڏيڪ ويجهو آياسين سال ١٩٧٠ ڌاري، جڏهن ٻئي ڄڻا اُلهاسنگر روٽري ڪلب ۾ گڏ هئاسين. ڏينهن جو ڇڱو حصو لڇمڻ آهوجا، ڊي.ڊي وڇاڻي، سيتل گڏ هوندا هئاسين. خاص ڪري شام جي وقت ۾.

مون هن ۾ ڪافي خوبيون، خاصيتون ڏٺيون. يارن جو يار، ڪلمک. ڪڏهن چرچو ڪندي، سچ بہ چئي ڏيندو هو.

سيتل جو لاڙو ٻن ڳالهين ڏانهن هو. خلق خدمت ۽ سياست. خلق خدمت لاءِ نوجيون سرڪل ۽ سياست لاءِ جن سنگهہ. جن سنگهہ ۾ منهنجي وري لال درياڻيءَ سان ويجهائي هئي. جو ان وقت هو جن سنگهہ جو پريزيڊنٽ هو ۽ سيتل سيڪريٽري هو.

دوستن جي زور بار تي سيتل کي مهاراشٽر جي ان وقت ايندڙ اعليٰ اليڪشن ۾ الهاسنگر مان جن سنگهہ

جي او.ٽي. سيڪشن، پر ڪيترن ئي ڪارٽن ڪري اچڻ وڃڻ ٿيندو هو.

وديارٿي تحرڪ جو رهنما سخاوت چوٽواڻي، ڪشن دلواڻي، او.ٽي. ۾ رهندا هئا ته ادبي ڪيتر جو ماهتاب شري پرسرام ضيا ۽ گائڪ ماسٽر چندر به او.ٽي. ۾ رهندو هو. پوءِ ڪڏهن ڪنهن بهاني ته ڪڏهن ڪنهن جي ڪري او.ٽي. ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. اهو زمانو سال ١٩٥١ جو هو.

تڏهن اتي لڳ ڀڳ منهنجي عمر جو هڪ اتساهي نوجوان ڪم ڪندڙ پيو ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪڏهن سخاوت وٽ ته ڪڏهن ضيا صاحب وٽ. ان نوجوان پنهنجي ساٿين سان گڏ هڪ سنستا ٺاهي هئي. نوجيون سرڪل. سرڪل طرفان ڪتابن جي لئبرري به شروع ڪئي ويئي هئي ته غريب وديارٿين کي سڪولي ڪتاب سال لاءِ مفت پڙهڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا. اها لئبرري، اها سنستا هلائڻ لاءِ بزرگن سان صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ شري سيتل ضيا صاحب وٽ، يا سخاوت وٽ ايندو ويندو هو. بس منهنجي ساڻس جاڻ پڇاڻ ان وقت ڏاري ان نموني ٿي. سائيڪل تي چڙهي، جدا جدا سڄڻن وٽان لئبرري لاءِ ڪتاب گڏ ڪندو هو. سرڪل طرفان هڪ ننڍي جاءِ ۾ هڪ ننڍو پارڪ به ٺهرايو ويو هو.

هن هڪ نئون نعرو هنيو. شهرواسين جي پنهنجي بئنڪ - الهاسنگر ۾ الهاسنگرواسين جي پنهنجي بئنڪ ؟ عجب آهي. پر هن پنهنجي لگن ۽ پڪي اِرادي سان اهو عجب عملي ڪري ڏيکاريو. ايسر ڀاڙواڻي، لال پنجابي، هوندراج ڀاٽيه، هيرالال ۽ ٻين جي سهڪار سان اهو عجب عملي ڪري ڏيکاريو آهي. نوجيون بئنڪ جون اڄ ڇهه برانچون آهن.

بئنڪ، اِسڪول، انهن ڪيترن ۾ نوان نوان ماڻهو به آيا. هر ڪنهن چادر جو پلئه پاڻ ڏانهن ڇڪيو. پر نيٺ اٽڪ ڪوشش ۽ سڀني ماءُ واري ڀاونا - سيتل هر وقت ڪامياب ويو. بس هي ڪتاب ان ڪشمڪش جي اتهاس آهي. سيتل جي جفاڪشي جون حقيقتون بيان ڪيل آهن. دوستن سڄڻن جون دعائون آهن، ته سيتل جو اهو پوکيل ٻوٽو اڄان به وڏي وڻ يا درخت بڻجي شهرواسين لاءِ ڇايا بڻجي ۽ بس. شاباس آهي شري نند هندوجا کي جنهن هي ڪتاب ڇاهي ان لاءِ ليکه گڏ ڪري هنن پڙهندڙ لاءِ اٿاهه مواد ميسر ڪيو آهي. هي پيار جو پورهيو آهي. جنهن جو ملهه ته پيار ئي ٿي سگهندو آهي ۽ نه پئسو.

★ ★ ★


(شايد تنهن وقت جنتا پارٽي ۾ شريڪ هو) طرفان اميدوار بيهاريو ويو. هن کان اڳ ۾ شري سنمک ايسراڻي ميمبر هو. هو ٻه دفعا لڳاتار ميمبر ٿي چڪو هو. هن انهن چونڊن ۾ نه بيهڻ جو ويچار ڪيو. روٽري ڪلب جو پريزيڊنٽ شري سيتل چونڊيو ويو. جيئن روٽري ڪلب جا ميمبر به اخلاقي طور پنهنجي ساٿي کي مدد ڪري سگهن ۽ شري سيتل اسيمبلي چونڊن ۾ شاندار جيت پاتي سال ١٩٧٧ هو. اسان جو چوڻارو سيتل، وچاڙي، لڇمڻ ۽ مان ساڳيو ئي قائم رهيو. پنجون شخص آيو شري گهنشيام تلريجا جو ان وقت ميونسپل جو چيف آفيسر. روٽري ڪانفرنس تي وجبو ته گڏجي شري سونيسر بولچند سان گڏجي سائين بابا جو به درشن ڪندا هئاسين. سيتل آهستي آهستي ماڻهن ۾ پيارو ٿيڻ لڳو. هن خلق جي خدمت ۾ پاڻ ارپي ڇڏيو. پنج سال جهت نبري ويا وري چونڊون آيون ۽ وري به پارٽيءَ ۽ دوستن جي زور تي سيتل اسيمبلي لاءِ بيٺو ۽ کٽي آيو. هن مهاراشٽر سنڌي ساهتيه اڪادمي برپا ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ورتي ۽ اها اڪادمي نهي. جا اڄ سوڌو قائم آهي. جينوٽيڪ پاڻ ساهتڪ ڪيتر جو نه آهي پر تعليم ڪيتر ۾ ضرور اڳيرو آهي. هن نوجيون نالي هيٺ اِسڪول شروع ڪيو ته ساماجڪ ڪم به شروع ڪيا.

شهر جو وڪاس ئي منهنجي من ۾ هئو. جو
تہ اُن وقت مون ڏٺو تہ الهاسنگر ۾ گ
هٽيئي مسئلا رهيل هئا ۽ اُنهن لاءِ جوڳا قدم
کڻڻا هئا. انهن کي حل ڪرڻو هو.

سوال- ٣ : اوهان ٽي دفعا ساندهہ MLA چونڊيا ويا ان عرصي ۾ اوهان گهٽي ئي چڱا ڪاريہ ڪيا پر ڪهڙا ٽي خاص ڪاريہ اوهان ڪيا ؟

سيتل : اُلهاسنگر ٣ ۽ ٤ جون گورنمينٽ هاسپيٽل بلڊنگون نهرايون ويون، ٽيليفون ايڪسچينج جيڪي اڳي مئنيوئل هيون انهن جي بدران ٽيليفون آٽو ايڪسچينج آنديون ويون، ١٨ هزار اُلهاسنگر جي ماڻهن کي جڳهين جون سنندون ڏياريون ويون. اهي منهنجا ٽي خاص ڪاريہ رهيا آهن. ان کان سواءِ ٻيا بہ گهٽيئي ڪاريہ هن بندي دواران ٿيا جهڙوڪ پهرين نمبر جي اور (فلائنگہ) برج، وي.ٽي.سي. سينٽر ۽ اسٽڊيم، ٽائون حال، دنيچند ڪالاڻي ڪاليج بلڊنگہ فنڊ، هيراگهاٽ جي پل، مهاراشٽر سنڌي ساهتيہ اڪادمي برپا ڪئي ويئي، اُلهاسنگر - ٥ ۾ گورنمينٽ جو گيسٽ هائوس ناهيو ويو، اُلهاسنگر ۾

انٽرويو : سريچند گرناڻي



شري سيتلداس هرچنداڻي سنڌونگر جي هڪ هستي آهي، هن جي شخصيت جي جهلڪ کي اسين هنن ٿورن پيچيل سوالن ۽ ان جي جواب مان کي قدر پرکي ۽ پروڙي سگهون ٿا.

(سريچند گرناڻي)

سوال ۱- : اوهان جي جيون جو مقصد ڪهڙو رهيو آهي ؟

سيتنل : پبلڪ سيوا. جيستائين منهنجي سرير ۾ سگهه ۽ ساه آهي تيستائين مان عام پبلڪ جي سيوا ڪندو رهندس. اهو ئي منهنجي جيون جو خاص مقصد رهيو آهي.

سوال-۲ : اوهان جڏهن پهرين دفعي MLA چونڊجي آيا ته اُن وقت توهان کي ڪهڙيون حسرتون ۽ اڇائون من ۾ هيون ؟

سيتنل : مان پهرين پهرين ۱۹۷۸ ۾ ايم.ايل.اي. چونڊيو ويس. اسان جي شهر جي بهبودي ۽

سيتل : اُلهاسنگر جي ماڻهن کي چينج کپندي هئي. ان وقت پپو ڪالاڻي اُلهاسنگر ۾ اُسريو هو ۽ هن کي سنا ڪاريہ اُلهاسنگر ۾ ڪيا هئا. اُلهاسنگر جي ماڻهن کي چينج کپندي هئي.

سوال-٧ : اوهان کي لڳي ٿو اُلهاسنگر جي جنتا برابر سجاڳہ آهي. انهن کي صحيح نيتا چونڊڻ جي ٻوجهہ آهي ؟

سيتل : منهنجي خيال موجب اُلهاسنگر جي جنتا کي برابر مئچورٽي نہ آهي. انهن کي اڃا صحيح نيتا چونڊڻ جي ٻوجهہ نہ آهي. ان جو تازو مثال ٢٠٠٢ ۾ ميونسپل چونڊن جو نتيجو آهي.

سوال-٨ : موجود دور ۾ اوهين ڇو ڪين اوپن فرنٽ ۾ آهيو ؟

سيتل : منهنجي خيال ۾ ينگ جنريشن کي موقعو ڏنو وڃي ان خيال کان مان فرنٽ ۾ نہ آهيان. پر ڏنو ويو آهي، هن وقت جي اُلهاسنگر جي BJP ينگ جنريشن برابر ڪاريہ سيوا ڪونہ ڪري رهي آهي.

سوال-٩ : تازو ميونسپل ڪارپوريشن جي چونڊن ۾ جهڙي نموني NCP وڏي لهر آندي، ان مان

ملڪ اسڪيم، ڪورٽ بلڊنگ جي باري ۾ اسيمبليءَ ۾ سوال اُٿاريا ويا. ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيئي ڪاريہ ڪيا آهن.

سوال-۴ : ڇا اوهان جا بنيادي اصول ۽ ويچار RSS جي ڌارا ۽ ڪاريہ جي مطابق رهيا آهن ؟

سيتل : مان شروع ۾ RSS شاکا ۾ ويندو هوس. ۱۹۵۲ کان مان RSS شاکائن ۾ وڃڻ ڇڏيو. پر منهنجي ڌارا RSS مطابق آهي. اُن سڀ هوندي بہ مونکي سڀني ڌرمن لاءِ پوري پوري عزت آهي، مونکي ڪنهن بہ ڌارمڪ ڀيد ڀاءُ ۾ وشواس ڪونہ آهي.

سوال-۵ : اوهان جيڪڏهن چوٿون دفعو MLA چونڊيا وڃو ها تہ کهڙا مکيہ ڪاريہ ڪيو ها ؟

سيتل : صرف سوچيو هو تہ شو سينا ۽ بي.جي.پي. جو راڄ ايندو ۽ مونکي منسٽر ٿيڻ جي اُميد هئي ۽ ان حيثيت ۾ گهڻو ڪجهہ شهرواسين ۽ سنڌين لاءِ ڪري سگهان ها !

سوال-٦ : اوهين گهڻو لوڪ پريہ آهيو، پر تنهن هوندي بہ چوٿين دفعي ۾ اوهان جي هار جا آخر کهڙا ڪارڻ هئا ؟

آهي تہ اُلهاسنگر جي آدمشماري وڌي ويئي آهي. واٽر سپلاءِ وارن پاڻيءَ جي سپلاءِ کونہ وڌائي آهي، پاڻيءَ جي سپلاءِ گھٽيل آهي ڇاڪاڻ تہ واٽر سپلاءِ وارن جا ڪافي پئسا اُلهاسنگر ميونسپل تي چڙهيل آهن، جنهنڪري معاملو ڪجھہ منجهيل آهي.

سوال-١٢ : اُلهاسنگر جي بهبوديءَ لاءِ اوهان پاڻيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي رٿا ڏيئي سگهو ٿا ؟

سيتل : پاڻيءَ رهيل بل Arrears معاف ڪيا وڃن سينٽرل گورمينٽ جي ١٨ ڪروڙن جي اسڪيم اچٽي آهي. هن موجب پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو. اهڙي اميد آهي پر ڪوشش ڪئي وڃي.

سوال-١٣ : اُلهاسنگر جي آٽو رڪشا شهرواسين لاءِ آزار آهي، ان مسئلي کي ڪهڙي نموني حل ڪري سگهجي ٿو ؟

سيتل : اهو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو پبلڪ ۽ پوليس جي سهڪار سان. ان کانسواءِ اِهو مسئلو حل ٿي نہ سگهندو. گهڻيئي دفعا پوليس سان

اوهان کي ائين لڳي ٿو تہ پپوءَ جي
کرامت هئي يا ماڻهن جو رخ بدليل هو ؟

سينتل : پپوءَ جو اثر ماڻهن تي آهي. اُلهاسنگر جي
جنتا اُن کي موقعو ڏنو آهي. جيئن شهر جو
وڪاس ٿئي، پر ڏسجي تہ هو ان آئيندهہ
جي ڪاريہ ۾ ڪيترو ڌيان ڏئي سگهي ٿو ۽
سڦل ٿي سگهي ٿو. اهو وقت ٻڌائيندو.

سوال-١٠ : هن وقت اوهين نوجيون ٻئنڪ جي ڪاريہ
۾ سڦل آهيو، تڏهن بہ اوهان جي دل ۾
تمنا آهي تہ وري هڪ دفعو MLA ٿي ڪري
رهيل ڪاريہ پورا ڪريان ؟

سينتل : مونکي ڪاريہ ڪرڻ جي گهڻي تمنا آهي
پر هاڻي MLA ٿيڻ لاءِ بہ ڪابہ خواهش نہ
آهي. مان MLA نہ هوندي بہ ٻاهر رهي
ڪاريہ سيوا ڪري بہ ڪم ڪري رهيو آهيان.
مان نوجيون ٻئنڪ ۾ رهي ڪري ڪافي
ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

سوال-١١ : هن موجوده وقت ۾ اُلهاسنگر جو ٻرندڙ مسئلو
ڪهڙو آهي ؟

سينتل : پاڻيءَ جو مسئلو ڀاري آهي. ان جو سبب

ڏسون تہ موجودہ ايم.ايل.اي. شري پپو
ڪالاڻي هاڻي کهڙو ٿو سجهاءُ ڏي يا ڪو
قدم کڻي.

سوال-١٦ : اوهان جي خيال ۾ هن شهر جو آئيندہ
ڪيئن لڳي رهيو آهي ؟

سيتل : جيئن هن وقت لڳي ٿو تہ اُلهاسنگر جو
آئينده اونڌاهو آهي. باقي هڪ ڳالهہ آهي
تہ نگر جا گهڻ گهرا راڄنيتي متڀيد وساري
جيڪڏهن شهر کي ناهڻ جي ڪوشش ڪندا
تہ نگر جو پلو ٿي سگهي ٿو.

سوال-١٧ : اخبارن جي پرچار ۽ لوڪل ماڻهن جي نظر
۾ اُلهاسنگر هڪ بدنام بستي بڻجي پيو
آهي. ان لاءِ اوهان کي چا ڀڏائڻو آهي ؟

سيتل : لوڪل ماڻهن جي دلين ۾ ساڙ ۽ حسد آهي.
اسين سنڌي ترقي پسند آهيون. ٿوري وقت
۾ اسين پاڻ کي سنو سنڀاليو آهي. گهڻي
ياڱي سنڌي ڏنڌوري قوم آهيون ۽ ٿوري
نفعي تي اسين ڌنڌو ڪندا آهيون. پر هتي
اچي ڪري اسين پاڻ کي سنڀالي ورتو
آهي، اسان جي جڳهہ تي ٻيءَ ڪا قوم
هجي ها تہ ڪڏهن جو ناس ٿي وڃي ها.

ڳالهايو ويو آهي پر ڪوبہ ڪڙوتيل ڪونہ
نڪتو آهي.

سوال-۱۴: اِها عالم آشڪار ڳالھہ آهي تہ اُلهاسنگر جي
پوليس جي روش ڏاڍي ڏکائيندڙ آهي. ان
واسطي پنهنجي وقت ۾ ڪهڙا قدم کنيا ۽
هينئر جيڪر اوهين ڇا ڪرڻ چاهيو ؟

سيتل : پوليس جي روش، مان جڏهن ايم.ايل.اي.
هوس، ايتري خراب ڪونہ هئي جيڪا
هينئر خراب ڏسي رهيو آهيان، پوليس جي
روش هينئر وڏيڪ خراب آهي، جنهن لاءِ
اثرائتو ڪو قدم کڻڻ تمام ضروري آهي.
جنتا، نيتا ۽ پوليس اڌڪارين کي ملي قدم
کڻڻ گهرجي.

سوال-۱۵ : ڇا اُلهاسنگر ڪڏهن سنڌونگر بڻجندو ؟

سيتل : اُلهاسنگر سنڌونگر بڻجي سگهي ها، اگر هن
کان اڳہ اسين وڏيڪ سجاڳہ رهون هان.
هينئر تہ وڏيڪ ۽ وڏيڪ سنڌين کانسواءِ
ٻيون ذاتيون اُلهاسنگر ۾ اچي ويون آهن.
اُهي ڪڏهن بہ نہ چاهينديون تہ اُلهاسنگر
جو نالو بدلائي سنڌونگر رکيو وڃي. وري بہ

هرچنداڻي ڪڏهن بہ پاشٽن جي خيال کان مشهور نہ آهي. تنهن جي معنيٰ تہ هيءُ صاحب جيڪي ڪجهہ مشهور آهي سو پنهنجي ڪاريہ جي ڪري ئي مشهور آهي. مان سندس ملاقات ۾ ڪافي ڪجهہ متاثر ٿيس ۽ مان ڪيس داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نہ ٿو سگهان. اُميد رکان ٿو تہ شري سيتل هرچنداڻي وڏي اورجا ماٺي اچا بہ اُلهاسنگر ۾ سنڌين جي شيوا ڪندا رهن.

سريچند گرناڻي

ايڊوڪيٽ، هاءِ ڪورٽ

★ ★ ★

پر اسان سنڌين کي سيني لاءِ من ۾ سد ڀاونا رکڻ گهرجي.

سوال-١٨ : اُلهاسنگرواسين لاءِ اوهان کي کهڙو سنديش ڏيڻو آهي ؟

سينتل : اُلهاسنگر جا ماڻهو سمجهو آهن. انهن کي پنهنجا متڀيد وساري ڪري يڪمشت ٿي ڪري سندس جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ کپي ۽ سماج مان اوڻايون ڪڍڻ ۾ ڪامياب وڃڻ کپي. سنگهٽن ئي سنڌين جو بچاءُ ۽ آئينده آهي.

ڌنيواد

پنهنجو رايو


مٿي ڏنل ملاقات کان پوءِ مونکي ڪافي روشني ملي تہ اسان جو اڳوڻي ايم.ايل.اي. شري سينتل هرچنداڻيءَ جو ڪيترو نہ اُلهاسنگر لاءِ ڪاريہ ڪيل آهي.

ساڻس ملاقات مان اهو ڏٺو تہ شري سينتل هرچنداڻي هڪ شانت ڪاريہ ڪرتا آهي. سندس سان ملاقات ۾ مونکي اِئين ڪٿي بہ نہ لڳو تہ هو صاحب ڪٿي بہ بناڪ هٽي تو يا هام هٽي ٿو. سوالن جا جواب پڻ تورن اکڙن ۾ ڏنائين. هيءُ صاحب ڳالهائڻ کان وڌيڪ ڪاريہ ۾ وشواس رکي ٿو. تنڌهن تہ شري سينتل

رام ميگهي ۾ آفيسر جي اڳيان بڪ هڙتال ڪئي تہ پگهارون ترت ڏنيون ويون. شهد ريلوي برج پل ٺهرائي هيءُ صاحب هرروز هزارين راهگيرن جون دعائون کٽي رهيو آهي. سنڌونگر شهر ۾ هن صاحب سرڪاري کير اِسڪيم جي شپ شروعات ڪئي. سيوا سدن ڪاليج آف ايڊيوڪيشن کي مهاراشٽر منتري ليول تي ڊي.ايڊ. ڪلاس هلائڻ جي منظوري وٺي ڏني. وڏايڪ جي نالي مهاراشٽر وڏان سڀا ۾ سوال ڪڍي ساڌو ٻيلا اسڪول پلاٽ تان بجليءَ جو ٿنبو هٽايو. نوجيون سرڪل ٽرسٽ کي هن صاحب جنم ڏنو ۾ هيءُ صاحب جس لوڪ سنڌي ۽ انگريزي ماڌيمن هاءِ اِسڪول جو جنم داتا بڻيو. جتي هرروز هزارين ٻالڪ ٻالڪائون وديا جو لاڀ وٺي رهيا آهن. دادا ناڪرداس گهياڻي سان ملي ڪري هن صاحب جس لوڪ هاءِ اسڪول جو جس وڌايو. پنهنجن دوستن سروَ شري ٻچو روپچنداڻي، لعل پنجابي، ڀاڳو تلريجا، اڌو ميراڻي، هيرالعل سنپداساڻي گروهَ جي پنجن پيارن سان ملي ڪري نوجيون ڪو آپريٽو بئنڪ لميٽيڊ جو پايو وڌو جنهن جون ڇهہ برانچون سنڌونگر شهر ۾ نالو ڪڍي رهيون آهن. ان جا ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن ''ڏڻ تہ ڏٺي نہ تہ وڪڻ ڪٽي'' هيءُ صاحب نوجيون بئنڪن

مسڪينن جو مسيحا سيتلداس هرچنداڻي

✍سريچند صابلاڻي




ڪجهه سال اڳ ممبئي جي جلسي ۾ شري سيتلداس هرچنداڻي ڏاڍي دک درد وچان ظاهر ڪيو ته ممبئي جي سنڌين کي سنڌونگرواسين جو ڪوبه خيال نه آهي. اهڙا به سنڌي آهن جيڪي جڳهين جا مالڪ بڻجي نه سگهيا آهن. بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي ڪيس هڪ لک رپين جي پهرين قسط ڏني ۽ اهڙي ريت اڪيچار غريب گهرن جا مالڪ بڻيا. ”ڀڳوان ڏيندو آ ڪنهن جي هٿان“ شري سيتلداس هرچنداڻي مهاراشٽر جي محصول منتري شري اُتم راو پاٽل کي بڪ هڙتال جو نوٽيس ڏنو ته ٽيليفون اختياري وارن کي ٽيليفون بلڊنگ لاءِ پلاٽ ڏنو وڃي ۽ اهڙي ريت نئين ٽيليفون جي شاندار بلڊنگ تيار ٿي. جئه هند ۽ نيو ايريا پرائمري اسڪولن جون پگهارون هڪ سال کان ماسٽر - ماسترياڻين کي نه مليون ته هن صاحب مهاراشٽر راجيه جي تعليم وزير پروبسر

مائيءَ جي لعل اينتريون صحيون نہ پاتيون آهن. ڏنيہ آهن هن صاحب جا ماتا پتا صاحب جن اهڙو سوروير سينڌل لعل پئدا ڪيو آهي. هن صاحب ساندهہ ٽي دفعا مهاراشٽر راجيہ وڌان سڀا جي ميمبر بڻجڻ جو شرف ماڻيو آهي. هيءُ صاحب هن وقت وڌان سڀا ميمبر تہ نہ آهي پر هن صاحب جي شخصيت نہ فقط مهاراشٽر جي منسٽر ليول تي پر ڪيندريہ سرڪار جي گرهہ منتري شري لعل ڪرشڻ آڏوا ڻيءَ کي بہ ڪشش ڪري ٿي. هيءُ صاحب منتراليہ ۾ شري ماني صاحب سيڪريٽريءَ سان ملڻ ويو تہ شري ماني صاحب پنهنجي چيمبر مان ٻاهر نڪري آيو ۽ کيس پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيو. سيڪريٽري شري جي.ايس. گل صاحب جو شري سريچند صابلاڻي جي معرفت ڪيس سڪ جو سڏ مليو تہ هيءُ صاحب گل صاحب سان مڪاميل ڪري آيو. موجودهہ مهاراشٽر سرڪار جو چيف ائڊيشنل سيڪريٽري گرهہ ويا ڳہ شري وي. رنگناٿن مهاراشٽر منتري جگنناٿ پاٽل گونگن ٻوڙن جو رنگارنگي ڪلچرل پروگرام ڏٺو ۽ شري سريچند صابلاڻي کي ٻڌايو تہ هن کي آنند آيو ۽ اهڙي سندر ڪاريہ لاءِ هن شري سيتلداس هرچنداڻي کي داد ڏنو. هيءُ صاحب روٽري ڪلب آف الهاسنگر جو بہ پريزيڊنٽ بڻيو ۽ سماج شيوا

۾ وجڻ جو وقت ڪڍندو آهي. هن صاحب جي روبرو وجڻ سبب ئي بئنڪون بلنديءَ تي پهتيون آهن. ڪن اخبارن جا سمپادڪ هن صاحب ۽ سندس ساٿين خلاف ڪالم ڪارا ڪندا آهن. پر چوندا آهن ته جنهن جو رب تنهن جو سڀ ڪجهه. رب راضي ته دنيا راضي پر بيلي ! يار نه رسي. جڳه جو رب شري سيتلداس سان هميشهه ساڻ آهي. هن صاحب مهاراشٽر راجيه سنڌي ساهتيه اڪادميءَ کي جنم ڏنو. نوجيون ڪو آپريٽو بئنڪ، سنڌونگر - ٣ هيڊ ڪوارٽر هيڊ آفيس جي سامهون سيمينٽ بلاڪ روڊ ٺهرايو. اُلهاسنگر ريلوي اسٽيشن جي ڦاٽڪ مٿان شاهي پل ٺهرائڻ جون هن صاحب جون ڪوششون آهن. سينٽرل ريلوي بورڊ طرفان اها شاهي پل تيار ٿيندي ته، نه فقط حادثن کي ٻنجو ايندو پر هر روز هزارين سفر ڪندڙ مسافرن جو قيمتي وقت به بچندو. هن صاحب سنڌونگر - ٣ ۾ سينٽرل هاسپيٽل ٺهرائي، ٤٨ لڪشمي مارڪيٽ، فرسٽ فلور، سنڌونگر-٣ جي آفيس ۾ هن صاحب شهرواسين جي ڪمن ڪارجن جي پي.ايس.اي.ايم جون شاگردن جي في معاف فارمن، ٽريو ڪاپين ۽ ضروري ڪاغذن تي صحيون ۽ ٺپا هڻيا آهن جو اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به

شري سيتلداس هرچنداڻي



✍ ڊاڪٽر ارجن سڪايل


جيڪو شخص سنڌونگر مان لڳاتار ٣ دفعا مهاراشٽرا وڌان سڀا تي چونڊجي چڪو هجي ان جي لوڪپريتا ۽ ڪاريہ ڪشلتا لاءِ ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو. هن اسيمبليءَ ۾ سوين سوال پڇيا ۽ ضرورت مندن کي هزارين صحيون ڪري ڏنيون ۽ ان لاءِ سالن جا سال روزانو ٻہ ٻہ ڪلاڪ آفيس ۾ اچي وهڻ وارو ٻيو ايم.ايل.اي. سڄي هندستان ۾ شايد ئي ڪوئي ملي.
شري سيتنل هرچنداڻيءَ جو جنم دادو ضلع سنڌ جي ماڌو ڳوٺ ۾ کوبچند زميندار ۽ واپاري ۽ سامل اونر جي گهر ۾ ٢٢ ڊسمبر ١٩٣٣ تي ٿيو. بي.اي. پاس ڪرڻ بعد، هن هتي يواني سا مِل برپا ڪئي ۽ ساڳئي وقت شيوا ڪيندر ۾ ٽپي پيو. نوجيون سرڪل جو پايو وڌائين، باغ، لئبرري ۽ هاءِ اِسڪول برپا ڪيائين، جنهن جو نالو جسلوڪ هاءِ اِسڪول رکيل آهي. نوجيون ڪو

جا ڪيترا پراجيڪٽ عمل ۾ آڻي ڊسٽرڪٽ روٽري گورنر جي دل جيتي. جتي بہ سيتلداس هوندو آهي اُتي نوجيون جو نالو نڪرندو آهي. نوجيون بليٽن بہ هن شايع ڪئي. ستيہ ميوَ جيتي تيئن سيتلداس نوجيون ۾ سمايل آهي. چيمبور ڪالوني ممبئي شري حشو آڏواڻي تيئن سنڌونگر جي سنڌين ۾ شري سيتلداس هرچنداڻي ڏاڍو لوڪپريہ آهي. ڪڏهن بہ هن صاحب ڪنهن سان ڪاوڙ غصي ۾ نہ ڳالهايو آهي. جهڙو نالو سيتلداس اٿس تهڙو سڀاءُ سيتل اٿس. هن صاحب کي ڪار انعام ۽ ڪيترا سنمان ستڪار ٿيا آهن. پر اِهي تمام ٿورا آهن جيڪڏهن هن کي نج سون ۾ بہ ڪٽي تورجي اِهو بہ ٿوري ۾ ٿورو آهي. اڄ سنڌيت جي محبوب نيتا شري سيتلداس هرچنداڻيءَ جو ٧٠ جنم دن آهي. ڪيس نوجيون بئنڪ، نوجيون سرڪل ٽرسٽ، جس لوڪ هاءِ اسڪول، پهلاج دولترام چئنچلاڻي، پرهلاد آڏواڻي، سائين ٽيڪچند ميرپوري ٻين پارٽين پاران ڪيس جنم دن جون هارڊڪ ۽ بيشمار واڌايون.

”شل ! جڳہ جڳہ جيئندو رهين، شيوا جي ڇاپ ڇڏيندو رهين.“

★ ★ ★

شري سيتلداس هرچنداڻي
سپاوَ جو سرل ۽ سيتل



✍ نيوند ڊي. واڌواڻي

آنرري سيڪريٽري، سيوانڪيتن

اڌ صدي اڳ مان ڪانگريس جو ڪاريہ شيل ميمبر هوس. راڄنيتي جي رمزن ۽ چالن کي پاڻ سان نهڪائي نہ سگهيس ۽ سدا لاءِ تلانجلي ڏيئي جوڙجڪي ڪاريہ ۾ قدم رکيو. انهن ڏينهن ۾ سيوا سمتي، سوشل سروس سرڪل ۽ نوجيون سرڪل جوڙجڪي ڪاريہ ۾ سرگدان هيون. هرهڪ سنستا جو الڳہ الڳہ ڪاريہ هوندي پاڻم ساٿ ۽ سهڪار هوندو هو.

شري سيتل هرچنداڻي نوجيون سرڪل جو سرگرم ڪم ڪندڙ هو. سرڪل لاءِ نشنا، امنگ ۽ لگن سان ڪم ڪندي شهر کي دائمي سهنج ڏنا جئن تہ اسڪول، هاءِ اسڪول ۽ گونگن ٻوڙن جو اسڪول وغيره. هن ڪاريہ کي سر انجامي ڏيندي راڄنيتي پارٽي ڀارتيہ جنتا پارٽي

آپريٽو بئنڪ برپا ڪري ان جون ڇهه شاخون کولي يگانو ڪم ڪيو اٿس ۽ سنڌي جنتا جي روزگار ۽ مالي مشڪلات ۾ مددگار ٿيو آهي. ونلوازڙي ۽ شهد پئسينجر ائسوسئيشن برپا ڪرڻ ۽ سينٽرل اسپتال کي نئين مادرن ڍنگ ڏيڻ ۾ هن جو وڏو يوگدان آهي. هن ٻيا گهڻا ئي ڪم ڪيا آهن.

★ ★ ★

هو ائين نہ ڪري سگهيو ۽ جيڪي سرڪار وٽان ملڻ گھربو هو، اهو سمورو شهر ڪي نہ ملي سگهيو.

شري سيتل هرچنداڻي واپاري ورتيءَ وارو هوندي شهر جي واپار جي مالي حالت جو جائزو ورتو ۽ ان ڏس ۾ ''نوجيون بئنڪ'' جو نرماڻ ٿيو. بئنڪ ڪي ايمانداري، لگن ۽ اتساھ سان هلائيندي بئنڪ ڪي ضرورت آهر ٻيون پنج شاخون ڏنيون ۽ شهر جي واپار ڪي واڌ ملي. اڄ بئنڪن جي حالتن ڪي ڏسبو تہ گھڻو ڪري ڪو آپريٽو بئنڪن ۾ ڪروڙن روپين جي هيرا ڦيري ٿيندي آهي. سرڪار ٦٣٠ ڪو آپريٽو بئنڪن جي جاچ جو حڪم ڏنو آهي. پر نوجيون پنهنجو ڪاريہ ڪندي رهي ٿي.

شري سيتل هرچنداڻيءَ ڪي نوان نوان دوست ڪرڻ جو شونق آهي. نون دوستن سان ناتو جوڙيندي، پراڻا دوست يا تہ پنٺي رهجي ٿا وڃن يا پاڻ مرادو پاڻ ڇڏائيندا ٿا وڃن. اگر شري سيتل هرچنداڻي پنهنجن نون ساٿي ڊئريڪٽرن سان گڏ بئنڪگ جو سرشتو پوري ڍنگ ۽ ايمانداري سان هلايائين ۽ رزرو بئنڪ جي نيمن جو شختي سان پالن ڪيائين تہ مونکي وشواس آهي تہ اڳيان هلي نوجيون بئنڪ ڪي پنجن شاخن بدران ٻيون ٢٥ شاخون کولڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوندو.

جو پڻ ڪم ڪندڙ رهيو. سنو ڪم ڪندڙ هئڻ ڪري، پارٽيءَ پاران اسيمبلي ميمبر طور لڙڻ لاءِ ڪيس حڪم مليو.

جڏهن آنءُ راڄنيتي مان ڪنارو ڪري چڪو هوس، انڪري نہ چاهيندو هوس تہ جوڙجڪي ڪم ڪندڙ چوندون لڙي يا راڄنيتي ۾ سرڪرم بهرو وٺان وغيره. هڪ بزرگہ جوڙجڪي ڪم ڪندڙ دليل اڳيان رکيو. اسانجو پاءُ يا مول متو يا خواهش شهر کي ٺاهڻ ۽ سڌارڻ ۽ دائمي سهنج موجود ڪري ڏيڻ ۾ رهيو آهي تہ اسين ان دشا ڏانهن رخ ڪنداسون ۽ ڪم ڪنداسون؛ ليڪن ڪي ٻيا شخص جنهن جو متو صرف پئسو ٺاهڻ جو هوندو تہ هو سپاويڪ، ان ڏس ۾ ڪم ڪندو ۽ خود پائيندو، انڪري جوڙجڪي ڪم ڪندڙن کي ٿي سياست ۾ اڳيان وڌڻ گهرجي.

شري سيتل هرچنداڻيءَ اهو ساڳيو اُديش، مقصد اڳيان رکي اسيمبلي لاءِ لڙيو ۽ ٽي ٿي ڀيرا لڳاتار ڪامياب ويو. زماني جي چال ۽ نزاڪت کي ڏسي جيڪڏهن حق ۽ اڌڪار، سک ۽ سهنج گهرڻ يا طلبڻ سان نٿا ملن تہ ان لاءِ سنگهرش ڪرڻ گهرجي، لڙڻ گهرجي؛ ليڪن هنجو سانتيڪو ۽ نهٺو سياءُ هئڻ ڪري

شري سيتل هرچنداڻي هڪ اعليٰ شخصيت

✍ دادا پارتي راجا



سنڌين جي سرمور شري سيتلداس کي نہ صرف سنڌونگر واسي سڄاڻن پر ڀارت جا سڀ سنڌي سڄاڻن. سدا من ۾ ڪا نہ ڪا هلچل هلندي اَٿس تہ ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪاريہ ڪريان. نوڙت، نيزاري، مٺ محبت جي مورت آهي. جنهن ٽي دفعا لڳاتار ايم.ايل.اي. جي ڪرسي حاصل ڪري ڪيترن جا ڪاريہ ڪيا آهن.

هر دفعي اِها اعليٰ شخصيت هڪ ننڍڙي دربار جنهن ۾ سيني ديوي ديوتائن جو نواس آهي جتي رحمت ۽ مهر ميا پيئي وسي هرڪو آشيرواد سان جهول ڀيو ڀري اُتان شري سيتلداس هرچنداڻي نہ صرف ايم.ايل.اي. وقت ميٽنگ رکي آشيرواد پراپت ڪئي آهي. پر ڪنهن بہ الڪيشن وقت يا ٻئي ڪنهن ڪاريہ وقت پنج منٽ ئي سهين اَچي ديا جي درشٽي پراپت ڪئي آهي. ڪيترا سنڌي وڏن عهدن تي آهن پر سيتلداس جيتوڻيڪ ڪڏهن بہ ٻين ذاتين وارن کي بہ

عاليءَ ڪاريہ، قرب، عزت ۽ احترام وچان، عمر جي بزرگي ڪارڻ پڻ جنتا کيس ''سيتل'' بدران شري سيتلداس هرچنداڻي سڏيندي آهي. پر سائين بابا کيس وڏي عمر سان گڏ سٺي صحت بخشي جو شهر جي وڏيڪ ۽ وڏيڪ شيوا ڪندو رهي. آمين.

★ ★ ★

منهنجي لاءِ اَجا بہ پرارٿنا ڪريو تہ جيسين سرير ۾ سگهہ هجي تہ شيوا جا ڪاريہ ڪندو رهان. اهڙي اعليٰ شخصيت لاءِ وڌيڪ لکڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ سمان ٿيندو. سندس نالو سيوا ڪاريہ سبب گنيز بوڪ ۾ اچڻ گهرجي.

”اوم سندرم“

★ ★ ★

ڪونہ وساريو آهي پر سنڌيت سان پڻ لڳاءُ اٿس، جو
بئنڪ جو اُدگهاٽن ڪرڻ وقت بہ اُن ننڍڙي دربار ۾
پاڻ کهي ڪوٺ ڏيڻ آيا تہ ڇهين برانچ کولڻ وقت بہ
اَچي اُدگهاٽن ۽ ربين ڪٽائڻ جو رسم ادا ڪرڻ لاءِ پڻ
پاڻ پنهنجن ساٿين سان گڏ اَچي قربائتي ڪوٺ ڏني.
اِها ننڍڙي دربار آهي ''دادا رامچند شانتي دربار''
سدا سندن مٿان مهر ميا جي درشٽي رهندي.

ڪيڏو نہ اونو آهي کين ٻارن لاءِ جو اسڪول کولي تہ
جس کٽيو اَٿائون پر گونگن ٻوڙن لاءِ اسڪول هڪ تمام سندر
ڪاريہ آهي، جنهن ۾ سنڌيت جو ڳاٽ اونچو آهي. وشو ۾
سنڌين جون بئنڪون ايڪڙ ٻيڪڙ آهن. پر شري سيتلداس
هرچنداڻي سنڌونگر ۾ ڇهہ برانچون کولي سنڌين جو
شان وڌايو آهي ۽ سندن آجيان ٻين سنڌين ايراضين ۾
بہ ٻيون برانچون کولي شيڊول بئنڪ جو سرٽيفڪيٽ
حاصل ڪندا تہ هميشهہ نالو قائم دائم رهندو.

سيوا ڪاريہ ڪنهنجو بہ وجٽو ڪونهي. شري
سيتلداس جو چوڻ آهي تہ مون ڪو ڪنهن جي مٿان
مهرباني ڪونہ ڪئي آهي پر اِنسانيت ناتي فرض
اَدائي ڪئي آهي ۽ ساٿين جو سهيوگہ هر وقت ملندو
رهيو آهي.

نوجيون سرڪل سندس پهريون جنون هئي ۽ سماج ڪاريہ جي شروعات. هن اُن سنستا کي ناهڻ ۾ خون پسينو هڪ ڪيو. اڪيلو هجي يا ساٿين سان سرڪل کي وڌائڻ ۾ دڪانن تان اشتهار وٺڻ، چئرٽي شو جون ٽڪيٽون هلائڻ ۽ ڊونيشن گهرڻ ۾ پنهنجي هر هٻڪ ۽ شرم کي تلانجلي ڏيئي ڏينهن رات سنستا کي ناهڻ ۾ پورو زور لڳايو. اُن جو نتيجو اڄ جو جسلوڪ اِسڪول. اُن کانپوءِ تہ گونگن ٻوڙن جي سڪول جو ڪاريہ، نوجيون بئنڪ جي شروع ۽ وتلوازڙي، اُلهاس پئسينجر ائسوسئيشن جي ڪم ۾ پڻ جنبي ويو ۽ ڪافي ساٿي ڪنا ڪري ڪاريہ چالو رکيا اٿائين. نہ صرف متيان ڪاريہ زور آهن پر اڄ شهر ۾ آدرش ڪاريہ ڪرتا پڻ سيتل ثابت ٿيو آهي.

ڪاريہ جو جنون ڪاريہ ڪرتا کي نيل ڪنٺ وانگر هر برائي، هر ٽيڪاٽپڻيءَ، هر ڳلا کي هضم ڪرڻ جي شڪتي ڏيندو آهي. ۽ سيتل ڪڏهن بہ قدم پٺتي هٽايو ناهين ۽ پاڻ وڌيڪ لڳن سان اڳيان وڌيو آهي. سندس متيان ڪاريہ ڪيس راجنيتي ۾ ٽپڻ جو خاص موقعو ميسر ڪري ڏنو ۽ لڳاتار ٽي ڀيرا ايم.ايل.اي. چونڊجي هڪ اُن دؤر جي وڌي ۾ وڌو اڻ وسرندڙ رڪارڊ قائم

سيتلداس هرچندائي
هڪ جنوني شخصيت

✍ سندر ڊنگوائي



اڪثر لکڻ جي عادت ڪانه آئم. پنهنجي ''سنڌو'' مئگزن هئڻ ڪانپوءِ به. پر جڏهين اوچتو ڪنهن سڃڻ چيو ته سيتل جي سنگ ۾ ڪافي پيرا تون به ته آيو آهين. ڪافي پروگرامن ۾ ڪيس مکيه شرف ڏنو اٿس، ته ڇا تون ڪيس ڪجھ به سڃاڻو ناهي ؟ ڳالهه وزن واري هئي ۽ چيم چڱو يار قلم هلائيندس ۽ وينس هيءُ ليکه لکڻ.

سيتل هرچندائيءَ کي مان ٣٥ سالن کان سڃاڻان. ملاقات تمام گهٽ ضرور ٿيندي آهي پر جڏهن به مليا آهيون ته پنهنجائپ جو اثر نظر ايندو آهي. اِئين لڳندو آهي ته اسان گڏجي ڪم ڪندا آهيون. چوڻ جو مطلب اِهو ته سيتلداس ايترو ته پنهنجائپ سان ملندو آهي جو اڳلي کي ائين محسوس نه ٿيندو آهي ته مان هڪ رواجي ڪم ڪندڙ ۽ سيتلداس ڪارين جو سرتاج سامهون آهي.


پيو. نوجيون بئنڪ، جسلوڪ سڪول، گونگن ٻوڙن جو سڪول هن لکڻ تائين متان ٻيو ٻه ڪم هٿ ۾ نه ڪنيو هجائين ! ها ڪالهه خبر ملي ته هڪ ڪاريه ڪيس وڏيڪ مليو آهي. ڪيس سينٽرل ريلوي وارن پئسينجر ائسوسئيشن جي عيوضي طور صلاحڪار ڪاميٽي تي ڪنيو ويو آهي. آشا آهي هاڻ الهاس ۽ ونلواڙي اسٽيشن ڪي پڻ چمڪائيندو.

سندس مٿين خوبين مون تي ڪافي اثر ڇڏيو آهي ۽ مان ڪيس عزت جي نظر سان پنهنجو رهبر سمجهندو آهيان ۽ ڪافي پيرا ڪيس مکيه مهمان ۽ معزز مهمان طور گذريل ٢٥ سالن ۾ سرڪل جي چئرٽي شوز ۾ گهرايو آهي. هڪ خوبي اِها به اٿس ته رواجي طور پڻ هن پروگرامن ۾ شرڪت ڪري وڏائي نه هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي. مونکي پنهنجو سمجهي سرڪل جي ڪافي ڏکين ڪارين ۾ گائيڊ ڪيو اٿائين ۽ سرڪل ڪي پلاٽ وٺائي ڏيڻ ۾ ۽ ٻين ڪافي ڳالهين ۾ مونکي مدد ڪئي اٿائين ۽ ڪڏهن اهڙو احساس نه پيدا ڪيو اٿائين ته سرڪل هن جي ناهين ۽ هو اسان سان جڙيل ناهي. مونکي اهڙي شخص لاءِ ۽ شخصيت لاءِ ڪافي شرڌا آهي. باقي جي ويکون ڪيڻ ويهنداسين ته ڀڳوان مان

ڪيو. ٻيو به رڪارڊ آهي ته اڄ ڏينهن تائين جيڪڏهن ڪو ليڊر جنتا جي ويجهو رهيو آهي ته اُهو آهي سيتل. سيتل وٽ فِي معاف لاءِ، صحي لاءِ، سڪولي ڪتابن لاءِ، ميونسپل جو ڪم هجي يا مهاراشٽر گورنمينٽ جو ڪم، پلاٽ جو مسئلو هجي يا جڳهه جو، ڪاليج ۾ داخلا جي پريشاني هجي يا قرض جي ضرورت هجي، سماجڪ هر مسئلي لاءِ سيتل گهر ۾ آفيس ۽ لڪشمي مارڪيٽ ۾ آفيس ۾ باقائدي ويهندو هو ۽ هميشهه وقت جي پابندي سان پاڻ کي جنتا لاءِ حاظر رکندو آهي. سيتلداس سان ملڻ ۾ غريب کي به پابندي نه هوندي هئي ۽ نه وري ڪيس ملڻ ۾ ڪا وڏائي. مان نٿو ڀانيان ته ڪو به ليڊر ايترو سهوليت سان ماڻهن سان ملڻ ۾ سولو رهيو هوندو. وري سندس هيڏين مسئلن هوندي به سياءُ ۾ هميشهه سيتل رهيو هو. نالي سان پورو پورو نباهيو اٿاهين.

هاڻ سياسي طاقت نه رهي ۽ ڪافي ساٿي به پراڻا هليا ويا. ڪي مٽيبد ۽ ٻيو عمر به ڪافي چڙهي ويئي آهي. تندرستي پڻ ايترو ساٿ نٿي ڏيس. پر تڏهن به سندس اُتساهه گهٽيو ناهي ۽ چالو ڪيل ڪارين کي زور شور سان هلائي پيو ۽ هن خزان جي دوُر ۾ پاڻ پنوڙي

اِنسان دوست : سيٺلداس هرچنداڻي



✍ آسودومل موهناڻي
پريزيڊنٽ پوج ڏرمواڙي پئنچات
او.ٽي.سيڪشن، اُلهاسنگر - ٣.

شري سيٺلداس هرچنداڻي سچو انسان دوست، نشڪام شيواڌاري، نهٺو نماڻو، رلڻو ملڻو، صبر ۽ صداقت جو ڏٺي آهي.

هيءُ صاحب سنڌيت جو سچو شيدائي، اورچ ۽ اعليٰ شخصيت وارو، رسوخ ۽ ايڪتا جو مجسم فيصح زبان، بيباڪ ۽ سنڌي سڄڻن جي دلين جو دلبر آهي.

شري سيٺلداس سنڌونگرواسين کي ڇهه سهڪاري بئنڪون، سنڌي ۽ انگريزي ماڌيم وارو هڪ عاليشان اسڪول، لاچار ۽ بيوس ٻارن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ گونگن ۽ ٻوڙن لاءِ اِسڪول، دماغي طور ضعيف ٻارن لاءِ هڪ شاهي سنستا برپا ڪري پنهنجي نيڪ دلي، اورچائي ۽ انسانيت جو لاثاني مثال قائم ڪيو آهي. سندس همٿ، جفا ۽ جاکوڙ جهڙين ڪارين کي ڏسي ائين لڳندو آهي ته مالڪ کيس ڪا غيبي شڪتي عطا

بہ بہ سوُ عيب ڪڍي ويهنداسين يا ڪرائيسٽ وانگر چوڻو پوندو تہ هن ابل کي پٽر اُهو هٽي جنهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪا خطا نہ ڪئي آهي. پوءِ اجايو اسان کي شرمسار ٿيڻو پوندو. سينٽل مان گڏ سکون ۽ اسين بہ اهڙي سيوا ڪاريہ جي راهہ ۾ قدم کڻون تہ واهہ واهہ ٿيندي.


سندر ڊنگواڻي

جنرل سيڪريٽري

سنڌو يوٿ سرڪل - سنڌونگر - ٣

★ ★ ★

شري سيتلداس هرچنداڻي سنڌي جاتيءَ جو شان ۽ اُلهاسنگر جو اڏيندڙ هڪ برک شهرواسي



✍ ناري گرسهاڻي

مونکي بيحد خوشي ٿي آهي جو ڀاءُ گهنشام ڀاٽيا جي چيئرمنيءَ هيٺ ڀاءُ سيتل هرچنداڻي ۽ پنهنجا اظيم متر ۽ دلبر دوست ۽ هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي لوڪ پريه نيتا ۽ سماج شيوڪ جي شان ۾ هڪ بسنتڪ سندس زندگي جي جدا جدا پهلن تي، ليکه گهرائي هڪ يادگار ڪتاب ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اُنهن کي مبارڪون آهن، جن هيءُ شاندار ڪاريه هٿ ۾ ڪنيو آهي. انهن داد لهڻو. مان مڃي ڀاءُ سيتل هرچنداڻي کي سالن کان سڃاڻان. هو فيڊريشن پئنچات جو اُپ پرڌان ٿي رهيو آهي. نرواسين جا جيڪا مسئلا مون پئنچات فيڊريشن طرفان ڀارت سرڪار، مهاراشٽرا سرڪار يا هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنيا آهن هر هنڌ، هر وقت اڏ رات جو سڏ تي مان سان هليو آهي ۽ هن آخرين دم تائين جاتي ۽ ديش ۽ سنڌونگر جي شيوا جو قسم ڪنيو آهي، اُن تي هوُ اڄ

ڪئي آهي. شهر ۾ شري سيتلداس جهڙا ڪي ٻيا بہ جانباز نڪري نروار ٿين تہ سنڌونگر جي ڪايا پلٽ ٿي وڃي.

پرم پرماتما مٿس مهر ڪري ڪيس وڏي آورجا ۽ سٺي صحت بخشي، هھڙو زندھہ دل انسان شل جڳہ جڳہ جيئي. پنهنجي قوم ۽ ديش جي خدمت ڪري، ڪل ۽ سماج جو نالو بلند ڪري.

★ ★ ★

سدا سيوا ڪاريه ۾ لڳل - سيتل هرچنداڻي



✍ ڪرتار دلواڻي

هڪ وڪيل جي حيثيت ۾، آءُ گهڻي قدر شهر جي گهڻن وڏن ماڻهن کي ڪورٽ ڪچهري ڏانهن گهڻو ايندو ويندو ڏسندو آهيان. ڇو ته اهي ڪنهن نه ڪنهن جهنجهٽ، معاملي ۾ مبتلا رهندا آهن ۽ پيا ڪورٽ جا در ڏسندا رهندا آهن. انهن کي ڏسي ڪڏهن ڪل ۽ ڪڏهن رحم پڻ ايندو آهي ۽ پوءِ سوچيندو آهيان، جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا. ليڪن هڪڙو شخص آهي، اسان جي سنڌونگر جو وڏو مدبر شري سيتل هرچنداڻي جنهن کي شهرواسين ساندهه ٽي دفعا، پنهنجو ايم.ايل.اي. چونڊيو، پر اهو شخص هن وقت انهي پد تي ڪونه آهي. ليڪن سيوائون ۽ عام جا سيوا ڪاريه بخوبي ڪندو رهي ٿو. هن کي گهڻي قدر مون ڪورٽ جي چوڪٽ تي ڪونه ڏٺو آهي. مون انهيءَ لاءِ سوچيو ته جواب مليو، اگر اسين ڪبير صاحب جي فيلسوفيءَ موجب هلون ته شايد هن ڪشمڪش واري جيون ۾ رهندي به جهنجهٽ کان ڇٽل هجون. ڪبير

بہ قائم آهي. مان سندس دوست ۽ سندس وڪيل تي هاءِ ڪورٽ ۾ سندس مخالفت خلاف رٽ درخواستون، بي ادبيءَ جا ڪيس، اليڪشن، پٽيشن، سندس تعليمي سنستائون طرفان رٽرن ۽ اُلهاسنگر ڪارپوريشن ۾ نہ ڪنيون مسئلن جي لاءِ رٽ ۾ لڙيو آهيان ۽ اُن ۾ ڪاميابي حاصل ٿي آهي. مان جيستائين جيئرو آهيان هن سان توڙ نڀائيندس. سيتل جي دليري، همٿ، سچائي، وفاداري ۽ ملڪ جاتي ۽ يارن سان وفاداري هميشهہ سونهري اکرن ۾ ياد رهندي. جيڪو اِسڪول هن بوڙن ۽ گونگن لاءِ اُلهاسنگر ۾ کوليو ۽ جنهن جو مهورت مهاراشٽر جي گورنر ايئر چيف مارشل مهرا کان ڪرايو اهو شاندار جلسو مونکي هميشهہ ياد رهندو ۽ گورنر سندس گهر اچي سندس سان گڏ چانهہ پيتي.

نوجيون سهڪاري بئنڪ کي آسمان جي چوٽيءَ تي پهچائڻ لاءِ هن بيحد ڪيرون لهٽيون، سيتل جي سرهاڻي قائم رهندي.

★ ★ ★

پيارو شخص بڻجي پوان. مگر مونکي سڌ آهي، جاڻ آهي تہ کهڙا بہ بہ شخص هڪ جهڙا ڪونہ ٿي سگهن ٿا. پر ڪنهن بہ نيڪ شخص جي آدرش ۽ جيون ڪاريہ کي پنهنجي جيون سنوارڻ لاءِ ائني مثل ڪتب آڻي سگهجي ٿو تہ سيتل کي پنهنجو دل جو آئنو ڪري مڃيو آهي. چو تہ سيتل سدائين ڪاريہ ۾ لڳل آهي ۽ عام جي سيوا ئي سندس جيون ۽ نوجيون آهي.

★ ★ ★

صاحب جي فيلسوفي آهي ”ڪبيرا ڪڙا بازار ۾ سڀ ڪي مانگي خير. نا ڪسيسي دوستي، نا ڪسيسي بئر.“

مان، خود وڪيل آهيان ۽ روز ڪورٽ جو در اورانگھو پوندو آهي، ليڪن آءُ ڄاڻان ٿو تہ هن جهان جا بدنصيب ماڻهو ئي ڪورٽ ۾ پهچن ٿا. انهن مان ڪي سچ پچ ڏوهاري آهن ۽ ڪن ڪي قدرت، يا ڪي ڏنگا ماڻهو ڦاسائن ٿا، اهو هڪ نصيب جو چڪر ڪيل آهي.

مون سيتل کي سدائين، پنهنجي سيوا ۽ ڪاريہ جي لگن ۾ رڌل ڏٺو آهي. سدس چوڻي آهي تہ ”هٿ پنهنجي لاءِ، ڪنهن نيڪ ڪاريہ لاءِ وقت ڪونهي تہ پوءِ ڪنهن سان لڙون ؟ ۽ ڇو لڙون ؟“

آءُ، پنهنجي زندگيءَ لاءِ سوچيندو آهيان تہ ڪهڙو پنهنجي اڳيان آدرش رکان، جو پاڻ کي سڦل ۽ لوڪ پريہ بڻايان ! اهو سوچي مان ڪامياب شخص جي لسٽ ۽ چهرا پنهنجي اڳيان آڻيندو آهيان. انهن تمام چهرن کي پرکيندي، سوچيندي مون کي هڪ ئي چهرو ڏاڍي ڪشش ڪندو آهي. جيڪو چهرو سدا سکي، شانت چت ۽ هردم تازو لڳندو آهي، اهو آهي سيتل هرچنداڻيءَ جو پيارو چهرو ! سچ پچ آءُ سندس ڪاريہ، سياءَ ۽ سندس سيوائن لاءِ من ۾ ايرکا ڪندو آهيان تہ ڪاش آءُ بہ ڪرتار سان گڏوگڏ سيتل جهڙو آدرش ۽

حق وٽي ڏنو آهي، جنهن لاءِ اسان من ۾ سيتل لاءِ وڏيڪ آدر، شڀ اڇائون پئدا ٿيون آهن.

آءُ پرماتما در اهائي پرارٿنا ڪندي آهيان تہ سيتل کي اڇا سٺي صحت ۽ وڏي اورجا ڏئي تہ هو صاحب سنڌونگر ۽ عام جنتا جي تن، من ۽ ڌن سان سيوا ڪندو رهي.

منهنجي ويچار ۾ سيتل هرچنداڻي عام جي ايتري سيوا ڀلائي ڪئي آهي جو پنهنجو جيون تہ سڦل ڪيو اٿائين پر لوڪن ڏاڍو جس رس پاتو اٿائين. ڪڏهن ڪڏهن ايشور اهڙا انسان موڪليندو آهي. سيتل لاءِ منهنجو سک ڀريو پرڻام.

ڌنيواد

★ ★ ★

سهٽي صورت ۽ موهٽي مورت - ياءُ سيتل



✍ ما بينا امرت ڌارا

نند 'آنند' ٻڌايو تہ، اسين سيتل هرچنداڻي جي جيون ڪاريہ بابت هڪ ڪتاب پڌرو ڪري رهيا آهيون. اهو ٻڌي بيحد خوشي، آنند ٿيو. منهنجي من اندر اول ئي ياءُ هرچنداڻي لاءِ شرڌا ۽ سڪ سدا رهي آهي. سو مون هڪدم خيال ڪيو تہ 'وندنا ڪي ان سرون مين ايڪ سر ميرا ڀي ملالو.' بس پين ۽ پيپر کنيم، اندر ۾ جيڪا سيتل جي سهٽي صورت ۽ موهٽي مورت اُڪريل هئي، اُن کي فقط لفظن ۾ آڻٽو هو.

شري هرچنداڻي شانت ۽ گنڀير سڀاءُ وارا شاندار شخصيت جا مالڪ آهن. هي هڪ اهڙو شخص آهي، جيڪو سماجڪ، راڄنيتڪ، آرٿڪ ۽ سيوا جا ڪاريہ ڪندو رهي ٿو. انهن تمام ڪاريہ ڪندي ڪڏهن بہ سندن چهري تي ٿڪ ۽ مايوسي نظر ڪونہ ايندي آهي، مون کي تہ جڻ مادرن رشي لڳندو آهي. اسان جي وديا ڪينتر ۾ پڻ سيتل سڪول کي ۽ ٽيچرس کي چڱو لاڀ ۽

چند سٽن ۾ پنهنجي من جي پاوناڻن کي شاعريءَ ۾ بيان ڪريان ٿو :

قرب وارن ۾ قربدارُ
سيتل آ، يارن جو يارُ.


۱- سچي نگر ۾ هنجي ساک،
هر هنڌ آ ''نوجيون'' شاخ
ٻئنک ۾ هنجو ناماچارُ،
سيتل آ، يارن جو يارُ.

۲- ڏُک سک ۾ سيني جو ساٿي،
گونگن، ٻوڙن سان ٻہ دل لاٿي،
ڪرم ڪرڻ لاءِ هردم تيار،
سيتل آ، يارن جو يارُ.

۳- شل هي وڏي اَورجا ماٽي،
شهر ۾ خوشحالي آٽي،
جيون هنجو رهي بهارُ،
سيتل آ، يارن جو يارُ.

★ ★ ★

سيتل، يارن جو يارُ



✍ موتيرام هيراننداڻي ”موتي“

١٩٥٢ يعني اڌ صدي اڳ، سيتل ۽ مان او.ٽي. سيڪشن، اُلهاسنگر - ٣ ۾ گڏ هندي پڙهندا هئاسين. ايترو عرصو هي نہ صرف منهنجو يارُ ٿي رهيو پر اڳتي هلي، منهنجو عزيز بہ بڻيو. سندس باري ۾ جيڪڏهن لکڻ ويهندس تہ هن پستڪ ۾ بئي لاءِ لکڻ جي ڪابہ جاءِ ڪانہ رهندي. اُن ڪري سندس شخصيت جو صرف هڪ ئي نقطو بيان ڪندس ۽ اهو آهي سندس مانيٽو سياءُ، نئڙت ۽ نهٺائي. جيئن وڻ ڦل جهلي، تہ نِمي، تيئن ايم.ايل.اي. ٿيڻ ڪان پوءِ بہ اَڪثر منهنجي گهر، ١٧ سيڪشن ۾ پنڌ ئي هليو ايندو هو. منهنجي اَمڙ جيڪا سنتياڻي سُياءُ جي هوندي هئي، اُنکي پيري پئي گڏبو هو ۽ هوءَ آسيس ڪري چوندي هئس تہ ”سيتل ! تون اَجان بہ وڌندي.“ اَج هي يارن جو يارُ، جنهن اوُج تي رسيو آهي، اُن ۾ منهنجي ماتا جي آسيسن جو بہ ڪجهہ حصو هوندو ! شاعري طبيعت جو ماڻهو آهيان، اُن ڪري سيتل لاءِ

جي شخصي جيون جي جهلڪ سون تي سهاڳي جو ڪم ٿي ڪيو. شري سيتل هرچنداڻي شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي. عرصو گهڻو نہ ٿيو آهي پر هن جي حاصلات ۽ اُدم تي جيڪڏهن نماڻو فخر ڪجي تہ اسين حق بجانب آهيو يا نہ، سو فيصلو توهان پاڻڪن تي ڇڏيون.

★ ★ ★

سيتل جي اڳواڻي لاثاني رهي

✍ ڊاڪٽر ايسر پارواڻي


جڏهن جنتا پارٽيءَ جو نالو وجود ۾ آيو، تڏهن ڀارت جي سياست ۾ هڪ نئون ورق وريو ۽ نئين سڄاڳيءَ جو آغاز ٿيو. وري جڏهن مهاراشٽر جي وڌان سڀا لاءِ اُلهاسنگر تڪ مان جنتا پارٽيءَ جي ٽڪيٽ شري سيتل هرچنداڻيءَ کي ملي، تڏهن نگرواسين طرفان بيحد خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو ڇاڪاڻ ته انهن پاڻ لاءِ انکي وردان جي روپ ۾ سويڪار ڪيو. ان لاءِ ڪين ڏنا وائنا ۽ ڇتا سبب هئا. هن تعليم يافته، نوجوان، سماج شيوڪ، جوڙجڪي ڪاريه ڪرتا ۽ واپاري طبقي جي لاڏلي گذريل ڪيترن سالن کان اڳيئي پنهنجي خوش طبعي، مرڪندڙ مرحبا، سڄاڳ فطرت ۽ سياسي سوجهه بوجهه دئاران نه فقط هڪ جيڏن پر ڪشور اوستا وارن وديارٿين توڙي بزرگ ۽ مانيه ڪاريه ڪرتائن جون دليون جيتيون هيون ۽ سندس يڪسان پيار حاصل ڪيو هو. هنجي اُميدواريءَ واري پهرئين ڏينهن کان سندس سوپ جي سورهن آنا خاطري هئي. جو جنتا پارٽيءَ جي لوڪ پريتا سان گڏ هن صاحب

ٻڌيو پر عهديدار بہ ٻڌيو. ٻئي طرف سماج ۾ گونگن ٻوڙن ٻارن لاءِ ڪوبہ ڪاريہ نہ ڏسي هن گونگن ٻوڙن ٻارن جي اِسڪول جي استاپنا ڪئي جنهن ڪارڻ گونگا ٻوڙا ٻار ايتري قدر تيار ٿي رهيا جو هو ڪنهن جا بہ زيردست نہ ٿي پيرن تي بيهڻ لڳا. الهاسنگر ۾ حالتن جي مدنظر هن نگر اندر ٿيندڙ اسيمبلي چونڊن ويجهو ايندڙ ڏسي جن سنگهہ جي اڌڪارين هنکي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ڏني ۽ هن پهرين ڏک سان ڪاميابي حاصل نہ ڪئي ليڪن لڳاتار ٽي دفعا اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويو. هيءَ ڪاميابي الهاسنگر جي اتهاس ۾ پهريون دفعو نظر آئي. سماج جي سهوليت کي نظر ۾ رکندي مترن سان گڏجي هن بئنڪ کولڻ جي پڌرائي ڪئي ۽ الهاسنگر ٣ ۾ هن ”نوجيون بئنڪ“ جي استاپنا نہ ڪئي ليڪن هر ڪئمپ مان هنکي هر ڪئمپ ۾ بئنڪ جي شاخا کولڻ لاءِ فونن پنيان فون ايندا رهيا. سماج جي تڪليفن جو احساس ڪندي هن هڪ ٻئي پنيان هر ڪئمپ ۾ بئنڪ جي شاخا چالو ڪري ڇڏي جنهن ڪارڻ عام جنتا اُن سهوليت جو پوُرن فائدو وٺي رهي آهي.

اڄ ايترو چئي سگهجي ٿو نہ الهاسنگر ۾


سيتل هرچنداڻي هڪ سقل شخص

✍ تيڪچند ميرپوري



جنهن انسان جي نالي جي شروعات ئي سندس جيون تي روشني وجهي رهي آهي. شيتل سياءُ وارو انسان هرهنڌ هر ڪنڊ ۾ آستان پائي سگهي ٿو. سيتل هرچنداڻي شونق سان نوڪري به ڪئي ۽ اڌ ۾ ڇڏي ڪارڻ ته سندس گهرو حالتون نوڪري ڪرڻ لائق نه هيون. پرماتما پريوار تي اڳي ئي مهر ڪري ڇڏي هئي. نوڪريءَ ڇڏڻ ڪانپوءِ هن مترن سان گڏجي ”نوجيون سرڪل“ جي استاپنا ڪئي. سماج جي گهرجائن جي گهرنُ کي پوري ڪرڻ، ڌارمڪ ڪاريه ڪرم ڪرڻ هن سرڪل جو مکيه ڪاريه رهيو. آهستي آهستي مترن جي سهڪار سان نوجيون اِسڪول جي به استاپنا ڪئي ۽ ڪاريه هلندي اڄ اُهي هاءِ اِسڪول جو روپ ڏسڻ جو موقعو ضرور آهي. هيءَ هڪ طرف اهي ڪاريه ڪندي، هن راڄنيتي ميدان ۾ پير رکيو ۽ پارتيه جن سنگهه جو ميمبر ته

سيتل کي سماجڪ ڪاريہ لوڪ پريہ نيتا بڻايو آهي



نارائڻ آڏواڻي

ائڊووڪيٽ هاءِ ڪورٽ

گذريل اڌ صدي کان سيل سماج اندر سرگرم رهي ڪاريہ ڪندو رهي ٿو. هن پنهنجي سماجڪ ڪاريہ جو آرنڀ نوجيون سرڪل، الهاسنگر ٺئين جي او.ٽيءَ کان شروع ڪيو. ڪن سنگتين ساٿين سان ملي باغ بغيچو ۽ بوڪ لئبرري برپا ڪيائين.

سنڌين جي جيون لاءِ اهو هڪ ڏاڍو ڏکيو دوُر هو. هن نوجوان جي سيوا ڪاريہ سيني جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو.

هي ننڍپڻ کان ئي آر.ايس.ايس. خيال وارو شخص هو. جنهنڪري هن الهاسنگر اندر جن سنگهہ جي شاخا ۾ بهرو ورتو. اهڙي نموني سماجڪ سيوا سان گڏوگڏ سياسي جيون ۾ پڻ يوگدان ڏيڻ لڳو. جن سنگهہ جي

ايم.ايل.اي ٿيندا رهيا، ٿيندا رهيا آهن پر ڪوبہ
ايم.ايل.اي اها دعوا نہ ڪري سگهندو تہ هن جو مت
ڪوبہ ٿي سگهي ٿو.

عام جنتا کي پلاٽ، جايون اجهي لاءِ وٺي ڏيڻ لاءِ
سرڪار کان اسڪريننگہ ڪميٽي ٺهرائي انهنجي
بندوبست لاءِ بہ هن ڪافي پاڻ پتوڙيو ۽ سڦلتا بہ حاصل
ڪئي مان سمجهان ٿو هنن ٻن اکرن سان هنجي جيون
کي پري نٿو سگهجي سندس ڪاريہ ڳالهائي ٿو.

★ ★ ★

هن وقت ستر سالن جي عمر ۾ هن شخص سماجڪ، سوشل ۽ سياسي طور تي ڪاريہ ڪندو رهي ٿو. هن نوجيون بئنڪنگ سستم سان الهاسنگر جي ڪامرس ۽ ٽريڊ کي جيڪا هٿي ڏني آهي اها پڻ ساراه جوڳي آهي. پنهنجي خيال ۾ اهڙا انسان سماج سيوڪ ڪڏهن ڪڏهن جنم وٺندا آهن. اسين چاهيون ٿا تہ ايشور هنکي سٺي صحت ڏي ۽ سماج جي ڀلائي لاءِ ڪاريہ ڪندو رهي. پنهنجو منش جيون سڦل ڪري.

★ ★ ★

اندر هن چست بهرو ورتو. جنهنڪري جلد ئي هن کي سيڪريٽري ۽ پريزيڊنٽ جو پد حاصل ٿيو.

پوءِ جڏهن ديش اندر لوڪ نائڪ جئه پرڪاش نارائڻ جو طوفاني آندولن شروع ٿيو ۽ ملڪ اندر امرجنسي جو ڏهاڪ پئدا ٿيو ته به هي شانت ڪري ڪونه ويٺو.

هن پنهنجو سماجڪ ڪاريه سانتيڪي نموني جاري رکيو. آخر ديش اندر امرجنسيءَ جو دؤر پورو ٿيو. تڏهن لوڪ نائڪ جئه پرڪاش نارايڻ ڪانگريس خلاف جنتا جو انقلاب ڪڙو ڪيو. انهيءَ تحرڪ ۾ جنسنگهه پڻ پاڻ کي جنتا پارٽيءَ ۾ شامل ڪري، ديش جي بهبوديءَ لاءِ اڳتي قدم رکيو.

اهڙي وقت ۾ سيتل کي سندس سياڻ ۽ سماجڪ ڪاريه سبب ڪاريه جي مئدان تي آندو. هن کي ايم.ايل.اي. جي ٽڪيٽ ڏني ويئي، جنهن ۾ هي صاحب بلڪل سوڀارو ٿيو ۽ لڳاتار ٽي دفعا، مهاراشٽر اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. اهو هڪ قسم جو رڪارڊ هن قائم ڪيو. انهيءَ ١٥ سالن جي عرصي ۾ هن لڳن ۽ سيوا سان سنڌونگر جا ڪيترائي گنڀير مسئلا حل ڪيا. انهن ڪارين جو ذڪر وڏو آهي.

اُهي پڻ ڪجهہ قلمبند ڪري ڏيو تہ ڪتاب اندر آڻيون، جيئن عام کي وڌيڪ ڄاڻ ملي.“


اهو ٻڌي من چيو، ”ادل آءٌ تہ ڪرم ۽ ڪاريہ ڪرڻ ۾ ئي سدا وشواس پئي رکيو آهي“، تنهن هوندي بہ مون ”آنند“ کي چيو، ”پائي آءٌ پنهنجيءَ دل کان پڇندو ٿو وڃان ۽ ساڳي وقت بيان ڪندس، منهنجا لفظ ۽ ويچار بس قلمبند ڪندا وڃو، اجهو ائين پوءِ سلسلو جاري ٿيو.“

”ها، تہ منهنجو جنم سنڌ جي ڪجهہ چڙهيل ڪٽنب پريوار ۾ ٿيو پر ورهاڱي بعد جيئن سيني سنڌي ڀائرن کي وڏين تڪليفن ۽ مصيبتن مان ۽ غريبيءَ مان لنگهڻو پيو، تيئن هي بندو پڻ انهيءَ نرواسيءَ ڪاروان ۾ هڪ رواجي انسان جيان هلندو هليو، پر پنهنجي راهہ ۽ دشا مون ڪجهہ الڳ سوچي ڇڏي ۽ ان مطابق قدم اڳتي هلندا رهيا.

مون بي.اي. (B.A.) تائين تعليم حاصل ڪري ممبئي جي ملڪ اسڪيم ۾ نوڪري ڪئي، مگر منهنجو مقصد نوڪري ڪرڻ ڪين هو. مان پنهنجي منزل ڪجهہ اور سوچي رکي هئي. پوءِ آءٌ، عام جي سيوا ۽

سپ جو پلو سدائين چاهيان ٿو

✍ سيتل هرچنداڻي



مون، پنهنجي اندر ۾ پڪو پهه ڪيو آهي تہ ”سپ جو پلو سدائين سوچيان.“ فقط سوچيان ئي نہ بلڪ ڪندو پڻ رهان، اها جڻ مون پنهنجي جيون جي نيتي بڻائي رکي آهي، شل مالڪ انهيءَ مريادا ۾ مونکي هلائيندو رهي.

منهنجي مترن منهنجو ٦٩ جنم دن ملهايو هو، ان وقت ڪن عزيز دوستن ظاهر ڪيو تہ ”سيتل جي ڪيل ڪارين کي ڪتاب جي ورقن ۾ آندو وڃي.“ اهو ويچار تہ واجب هو، مگر مون سوچيو، ”منهنجو ڪاريہ تہ اڃا جاري آهي ۽ جاري رهندو ....“ آءُ پريوءَ در اهائي پرارٿنا ڪندو آهيان تہ جان جيئان، خلق جي خدمت ڪندو رهان. خير ڪتاب تہ اڃي تيار ٿيو پر پوءِ ڪتاب جي سمپادڪ صاحب ٻڌايو تہ ”سيتلداس توهان هيترو لنبو عرصو لوڪن جي سيوا ڪاريہ ۽ لهہ وچڙ ۾ رهيا آهيو، ڪيترا آزمودا ۽ دل ۾ ويچار ۽ امنگهہ هوندا،

ڪيو آهي. اهو منهنجي ساٿين ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو
آهي. مون ڪي پنهنجي ڪاريہ جو جس پڻ مليو آهي.
مون جيڪو ڪاريہ ڪيو آهي انهيءَ ڪاريہ ڪندي،
جيڪي مون تڪليفون سٺيون آهن ۽ وري ساڳي وقت
ڪاريہ ۾ سڦل ٿيندي، جيڪا خوش مون ڪي ملندي
هئي، اها منهنجي دل ٿي ڄاڻي. شايد اهي دل جي
بابت جو آءُ اظهار ڪري ڪونہ ٿو سگهان.

آءٌ رڳو اهو ئي وشواس سان چوان ٿو تہ منهنجي
دل ۾ پنهنجي شهر سنڌونگر ڪي خوشحال بستي بڻايان،
هڙو اُتم ويچار هردم اندر ۾ رهي ٿو. انهيءَ ويچار
ڪي وٺي، مون نوجيون بئنڪ جو بنياد وڌو، جنهن جي
سيوائن سان شهر جو وڪاس ٿئي پيو. شهر جي عام
لوڪن ڪي واپارين ڪي مالي سهڪار ۽ لون سهوليتون
ڏيون پيا. سائين بابا ايڊيوڪيشن ٽرسٽ وسيلي،
پاهڄن جي سيوا ڪريان پيو. الهاسنگر ونلواڙي
پئسينجر ائسوسئيشن ذريعي ريلوي ياترا ڪندڙ جي
سهوليت لاءِ ڪاريہ ڪندو هلان ٿو. مون عام جي سيوا
ڪلاءَ لاءِ مانوَ متر منڊل جو نرماڻ پڻ ڪيو آهي. ساڳي
وقت شهر جي ٽريڊ ڪامرس واڌاري لاءِ، اسان الهاسنگر
چيمبرس آف ڪامرس ۽ انڊسٽري سروس پڻ شروع

سياست ۾ سوچي سمجهي قدم رکيو. راڄنيتي ۾ جنسنگهه جي منچ تان مون قدم کنيو، ڇو تہ شروع کان منهنجي اندر ۾ آر.ايس.ايس (R.S.S.) ۽ هندتوَ جا سنسڪار سمايل هئا، وڏن کان مريادا ۾ هلڻ بہ مون سکيو هو. زماني کان بہ مون چڱي طرح پاڻ کي پري رکي، نوس ڪاريہ ۽ سماجڪ بهبوديءَ لاءِ ڪاريہ آرنڀ ڪري ڇڏيا. مان جيئن جيئن قدم اڳتي رکيو تہ مون کي صحيح دڳہ ۽ دشا پنهنجو پاڻ ملندي ويئي، تي سگهي ٿو تہ اڳلا پٽيہ هئا يا منهنجن وڏن جا سنسڪار ۽ آسيس هئي. آءُ ڪڏهن بہ زماني جي گردش ۾ ڦاسي پنهنجي راهہ تان ڪڏهن کونہ ڀٽڪيس، ڪڏهن الٽي راهہ کونہ پڪڙي. سچ ۽ سيوا جي راهہ هلندو رهيس. مان انهيءَ راهہ تان هلندي، قدرت جو وڏو ڪرم ۽ مهر مون مٿان هردم رهي ۽ مان سڦلتا جي چوٽيءَ تائين پهست. اڄ بہ جيڪو ڪاريہ يا پبلڪ وهنوار ڪريان پيو، مونکي جڻ مالڪ پيو گائيڊ ڪري ۽ آءُ پيو هلان عام جي سيوا ڪندو ٿو رهان.

منهنجي دل ۾ ارمان ۽ تمنائون، اڄ بہ گهٽيون آهن. ساندهہ ٽي دفعا مهاراشٽر اسيمبلي ۾ ايم.ايل.اي. رهندي مون پنهنجي شهر سنڌونگر لاءِ ڪجهہ ڪاريہ

Dada always is in News for good work for City........!



ڪئي آهي. آءُ ڪيترن نمونن سان محنت ڪش ماڻهن جي، وديارٿين جي واهر ڪندو رهان ٿو ۽ پنهنجو ڪاريه ڪنهن به سوارٿ پاونا ڪانسواءِ ڪندو اچان ٿون. ائين ڪندي هڪڙي ئي اِڇا آهي پنهنجو جيون سڦل بڻايان. وڏيڪ آءُ پنهنجن ڀائرن ڀينرن جون شڀ اڇائون ۽ آسيسون گهران ٿو، جيئن پنهنجو سيوا ڪاريه ڪندو سرهو رهان ۽ لوڪن جي ڀلائي ڪندو رهان.

ڌنيواد

اوهان جو قربدار ڀاءُ

سيتل هرچندائي

★ ★ ★

Dada always is in News for good work for City........!

